

هَٿَ ريکائن کان خالي

(ناول)

محمود مغل

ناري پبليڪيشن جو چويهون ڪتاب

هٿ ريکائن کان خالي

(ناول)

محمود مغل

ناري پبليڪشن
حيدرآباد سنڌ.

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو: پهريون.

ڇپجڻ جو سال: سيپٽمبر ١٩٩١ع

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

ملهه: ٢٠ رپيه

ڇپائيندڙ: نذير ناز- ناري پبليڪيشن،

443/3 صدر حيدرآباد سنڌ.

ڪمپوزنگ: سنڌ ٽيڪ(SINDH TECH) ڪمپيوٽر

ڪمپوزنگ سينٽر حيدرآباد

ڪمپيوٽر آپريٽنگ: حبيب قادر قريشي- سارنگ رام

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

HATHA REKHAUN KHAAN KHAALEE

(PALMS WITH OUT LUCK- LINES)

A NOVEL IN SINDHI.

BY. MAHMOOD MUGHAL

PUBLISHED BY. NAZIR NAZ,

NARI PUBLICATION, HYDERABAD

The Writer reserves all rights.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

اُنهن جي نالي

جيڪي واپس وَرڻ ۾ الامي ديرِ ڪري ڇڏيندا آهن.

محمود مغل

۱۹۷٦ع کان ڪهاڻي ڪيتر ۾، مسلسل لکڻ، محمود مغل جي سڃاڻپ رهيو آهي. تقريبن ۱۵ سالن جي عرصي دوران، سندس ۹۲ ڪهاڻيون، هڪ ناول ۽ ۳۰ ڪالم شايع ٿي چڪا آهن. تنهن کان سواءِ ٻارڙن لاءِ سندس طبعزاد ڪهاڻيون ۽ ترجما، ۳۰ کان مٿي ڇپيل آهن. سندس پهرين ڪهاڻي سهڻيءَ جي ”تخليق“ نالي آخري ڪتاب ۾ ۱۹۷٦ع ۾ شايع ٿي، جنهن سندس ادبي سفر جي شروعات ڪئي. سندس ڪهاڻين جا هيٺ ٽائين ٻه مجموعا شايع ٿي چڪا آهن ۱۹۸۲ع ۾ رابيل پبليڪيشن پاران ” ڪوميٽري ۾ ويڙهيل يادون“ ۽ ۱۹۸۵ع ۾ ناري پبليڪيشن پاران ”تو سنگ تو بن ڏينهڙا“ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. جن مان ”تو سنگ تو بن ڏينهڙا“ کي سنڌي ادبي سنگت پاران سال جي بهترين ڪهاڻين جو مجموعو قرار ڏنو ويو.

محمود جي ڪهاڻين تي هيل تائين ۱۲ ٽيلي ناٽڪ ۽ ۳ ريڊيو ناٽڪ پيش ٿي چڪا آهن.

ڪجهه مان چوان

محمود مغل جو ناول ”هٿ ريکائن کان خالي“ اوهان جي ريکائن سان ڀرپور هٿن ۾ آهي.

هي نوجوان ڪهاڻيڪار هڪ سگهارو قلمڪار آهي، جنهن جي قلم وقت گذرڻ سان حياتيءَ جي ڪيترن ئي ڪنڊن پاسن کي نروار ڪري اوهان سامهون پڌرو ڪيو آهي. محمود لاءِ مشهور آهي ته هو اندر جي وارتائن کي ڪهاڻيءَ جو جسم عطا ڪري، لفظن جو لباس ٿو پهرائي. اهو به چيو ويندو آهي ته هڪڙي ننڍڙي خيال کي ڪمالِ خوبيءَ سان پڙهندڙ ڏي منتقل ڪرڻ محمود جو ئي خاصو آهي.

هي ناول به هڪ ننڍڙي حادثي کان بچاءَ ۾ ورري ان حادثي جي ڦٽو ٿي ڪان پوءِ پنهنجي وجود جي رتيءَ رتيءَ جي سنڀال جي ڪهاڻي آهي. ناري پبليڪيشنس کي اهو فخر رهيو آهي ته اسان پنهنجيءَ وتَ آهر اوهان تائين چونڊ ادب پهچايو آهي. محمود مغل جون بهترين ڪهاڻيون به اوهان تائين اسان مجموعي جي روپ ۾ پيش ڪيون جن ١٩٨٥ع جي بهترين ڪهاڻين جو انعام حاصل ڪيو ۽ هاڻي هي ناول به ان پڪ سان اوهان جي هٿن تائين پهچايان پئي ته اهو به پنهنجو ماڳ ضرور حاصل ڪندو.

محمود، جيترو سادو، سپاجهو ۽ کُليل اُنسان آهي اوترو ئي کُليل سندس قلم جو اظهار آهي. اوهان سندس قلم جي ڪشش ۾ ڇڪجو، مان اوهان جي راءِ جي ڇڪَ جي طلبگار رهندس.

نذير ناز

ھَٽَ، رَيڪائُون، رُوپَ (مهاڳ)

ڪنهن بہ ليکڪ لاءِ، سڀ کان آسان ڪم آهي ناول لکڻ، ۽ اُن کان بہ آسان ڪم آهي اُن کي اسٽارٽ ڪرڻ. بس جا شئي ناول جي رستي جي رڪاوٽ آهي، اهو آهي سندس Wind-up ناول، نظم وانگر هڪ Compact شئي آهي. جتين ماڪيءَ لار جي End تائين، اُن ۾ ميناڄ هوندو آهي، ناول کي بہ انين هجڻ گهرجي. ڪلوزنگ تائين مربوط ۽ "يونيڪ" ۽ هٽ ريڪائن کان خالي اُن جو سهڻو مثال آهي.

ناول ۾ جنهن ڪهاڻيءَ، محمود جي قلم ۾ پناهہ ڳوليون آهي. اُن جي خوبصورت نائڪا، ٽنڊي چام جي رهندڙ آهي. ٽنڊو ڄام مونکي زرعي يونيورسٽي ۽ گلن واري- نرسري فارمس جي ڪري، بي حسد پسند آهي ۽ محمود جي هن ناول کي، پسند ڪرڻ جو پهريون عجيب منطق مون وٽ اهو بہ آهي تہ، اُن جي هيروئن ٽنڊي چام / يعني نرسري فارمس واري شهر جي رهاڪو آهي. اها تہ، خير ناول جي نائڪا جي ڳالهہ ٿي. پر سنڌيءَ ۾ ڪيترا ايترا ناوَل آهن جن جا ڪردار، ناول مان نڪري اسان جي حافظي ۽ مٽيءَ ۾ محفوظ آهن؟ وڌ ۾ وڌ- هڪ اڌ (۽ بس). ڪنهن چيو آهي: (شايد مون ئي چيو آهي تہ) سٺي ناول جي هڪ وصف هي بہ آهي تہ، اُن جا ڪردار همعصر حالتن، زماني ۽ سماج کي Depick ڪن. اِن حد تائين محمود جي هِن ناول جا ڪردار ڇا پيا ٿا ڪن. ايڪٽنگ؟

(NO)

اوور ايڪٽنگ؟

(NO)

اهي. نمائنده آهن، پر mind it انهن وٽ ايڪشن! پارٽي لاٿين وارو ڪونهي. اهي رومينٽڪ دنيا جا رهواسي آهن. ناول جي رُوماني فضا ۾ انساني رشتن جون عجيب ادائون ۽ ڪردارن جي گمڀير اداسي، هن ناول جي نيٽ ورڪ کي اُپاريو بيٺل آهن. ناول جي فيبرڪ ۾، نثر اُٺڻ جو ۽ جملن جي نٽنگ جو، محمود جو، پنهنجو انداز آهي. تورو الڳ ۽ گهٽو وٽندڙ. هن رو مينٽڪ ناول ۾، هڪ بامقصد پوائينٽ آف ڊپا رچر بہ موجود آهي. ڪهڙي؟ مون اُن کي پنهنجي حد توڙي سمجهي ورتو آهي. اوهين بہ هي ناول ڌيان سان پڙهو، پنهنجي پسند جي پوائنٽ ڳوليو ۽ Enjoy ڪريو.

نصير مرزا

۲۰-۷-۸۸ع

خالي هٿن جون ڳالهيون (پيش لفظ)

اڄ ڪيتري ئي عرصي کان پوءِ، وعدي جو پورائو پيو ڪيان. اوهان سان حُجَت پيو ڪيان. جيڪو عرصو وچ ۾ پيو، تنهن لاءِ ڪهڙن لفظن ۾ معذرت لکان. هنَ ناول لاءِ ڪافي عرصو پهرين پيلستي ٿي، پر الائي ڪيئن هوائن جو رخ مٽجي ويو ۽ الائي ڪيترو پاڻي، هيڪلين پلين هيٺيان لنگهي ويو. مان پاڻي موٽائي نہ ٿو سگهان. هوائن آڏار وچڙي ويل لمحن کي واپس نہ ٿي ورائي سگهان. بس حُجَتَ جي آسرو ڪٽي، هي ناول اوهان جن هٿن تائين پهچائي رهيو آهيان.

حياتيءَ ۾، هر حياتيءَ ۾،الائي ڪيتريون اسٽيشنون ايندڙيون آهن. اسين پنهنجي وجود جي ريل بنان سگنل ڏني هلائيندا آهيون ۽ پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن حادثي جو شڪار ٿيندا آهيون، ڪڏهن بلڪل ختم ٿي ويندا آهيون ۽ ڪڏهن وري سوچَ جي حڪومتَ پاران ڏنل امداد ذريعي قاتل چاڪن کي رفو ڪرائيندا آهيون. درد جو دارون ڳوليندا آهيون.

پر، جڏهن هن سيني ۾ اڱاريءَ جو ڪو نہ ڪو علاج نہ مُجي. جڏهن آئين اکين جي ڳاڙهاڻ ڪنهن بہ چنڊي سان نہ لهي. جڏهن ڪوئل جي ڪوڪ ۽ دل جي سار ڪو بہ ورق ورائڻ لاءِ راضي نہ ٿئي تہ اسين هڪدم پنهنجن هٿن ڏي نظر ڪندا آهيون. ان رَتِ ۾ اسان جي هَٿَ ۾ ڪنهن جو بہ هَٿُ بہ هوندو آهي. ۽ يقيناً اهي ريکائن کان خالي هوندا آهن. ايندڙ پنن ۾ مون انَ موسم جو ئي مَوڻ اوهان جي هٿن ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.چوندا آهن، عمر عزيز جيئن جيئن گذرندي ويندي، هٿن جون ريکائون تيئن تيئن مٽجنديون وينديون آهن، اهو ساڳيو

مسئلو ڪنهن جي ملڻ ۽ وڇڙڻ سان به هلندو ٿو رهي. ڪير ڳڌ هجي ته هَتَ امير هوندا آهن، پرجي موڪلائي وڃن ته ريڪائن ڪان خالي ٿيڻ جو عذاب ڪو پَري ناهي هوندو.

توهان به فڪر ڪيو، ڇو ته هر ريڪا جيڪا مَتِجَي ٿي. سا پهرينءَ جهڙي ته ڪا نه ٿي رهي نه. مولا پاڪ مشڪل ڪُشا، توهان جن هٿن ڪي ڪڏهن به ريڪائن ڪان خالي نه ڪري.

محمود مغل

سنيوستان هائوس

ڄ.شو.ر.ر

٢٢-٧-١٩٩١ع

١

مون اڄ وري خواب ڏٺو آ.

هي خواب ڪيترا نہ پوائتا هوندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ انسان جون اکيون ڏري پوندڙيون آهن، نڙي نوٽ ۽ وجود خشڪ ٿي ويندو آ، شايد هو بہ مون وانگر پوائتا خواب ڏسندا هوندا. تڏهن تہ ائين ٿي ٿيندو آ نہ.

مان پنهنجين اکين کي ڪليل رکڻ ٿو گهران، نہ ٿو چاهيان اهي بند ٿين ۽ ڪو بيو خواب انهن ۾ وسيرو ڪرڻ لاءِ اچي نڪاءَ ڪري. اهو هڪُ خوف ئي اجوڪي ڏڙڪي لاءِ ڪافي آهي.

اڄ هڪ ڇوڪريءَ، منهنجي هَٿَ کي جهلي ڪيڏو نہ پريم سان چيو

"مان اوهان سان گڏ هلڻ ٿي گهران."

منهنجي دل چيو پڇانس

"ڪيتريون وکون هلنديءَ ۽ ڪڏهن ڇڏينديءَ؟"

پر چئي نہ سگهيس، هن ڪان هٿ ڇڏائڻ چاهيندي بہ نہ ڇڏائي سگهيو هئم ۽ هن بيحد لاڏ سان منهنجو هٿ جڪڙي چيو

"مان ڪوجهي آن، چاٿان ٿي خوبصورت نہ آن، پر منهنجي دل بيحد خوبصورت آ. بلڪل توهان وانگر. اهو بہ چاٿان ٿي تہ توهان لاتق ناهيان پر ڇا ڪيان دل مجبور ڪيو آ."

هوءَ مون ڏي تڪيندي رهي، مان آسمان ۾ نهاريندو رهيس.

هوءَ ٽڙڪي اٿي.

"توهان ڪجهہ تہ ڳالهايو نہ، ڪا تہ ڳالهہ ڪيو نہ."

مان هٿُ ڇڏائي، خاموشيءَ سان اٿي آيس.

٢

تون بيحد خوبصورت هئينءَ. هئينءَ نہ. تنهنجو وجود آيلورا جي بُتن جيان خوبصورت جسم جو مالڪ هو، تنهنجو آواز دنيا جي خوبصورت آوازن ۾ شمار ٿي سگهيو ٿي. تنهنجيون اکيون بيحد خماريل هيون ۽ تنهنجا وار الاءِ ڇا هئا.

تون، تون هُئينءَ ان ڪري جو مان هئس، جي مان نہ هجان ها تہ تون ڪٿان هجين ها، جيئن هڪ چوڪنڊي جي هڪ ڪنڊ ٻيءَ سانParallel هوندي آ، نہ هجي تہ چوڪنڊو ٿهندو ڇا؟

زندگي ڇا آ؟

عذابن جو هڪ اٽڪت سلسلو آ، غمن جي هڪ ريکا آ، جيڪا هٿ تي چٽيل ريکائن جيان وَرنَ وَڪڙَن سان ڀرپور آ، ۽ جنهن جي هڪ هڪ ڏڪ سان انسان جو وجود ڄڻ نپا ٿو لڙکرائي. ۽ مان هادي احمد، هنن نپن سان جهڙو چٽيل هجان. جنهن تي سيني ڪان تازو نپو ٿو هنيو هجي، پنهنجين بيوفاين ۽ شڪوه ترازين جو.

مون تي ننڍپڻ کان ئي ڪرم نوازين جو هڪ سلسلو آ، جيڪو شروع ٿيل آ.

منهنجي گهر ۾ منهنجيون ڀينر منهنجن ڪزنز کي پنهنجو پاڻ ڪنديون هيون ۽ اُنهن کي پائيندي گُهرندي ججيڪڏهن مون تي نظر پئجي ويندي هئن تہ ان قرب جي ڄڻ رُونگ ڪينديون هيون. منهنجي ماءُ

خانداني بَکيڙن ۽ گهرَ جي خرچن کان واندي نہ هوندي هئي ۽ منهنجو وجود ڇمڻ کان پوءِ جلد ئي پنهنجي پيءُ کي وڃائي چڪو هو. عمر جي هن دؤر ۾ مون کي لڳندو آ ڇڻ ان سلسلي جي پهرين ڪڙي، منهنجي پيءُ جو موت ئي هو.

ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن اسان ٻار پاڻ ۾ ڪيڏندي ڪيڏندي وڙهندا هئاسين ۽ جيڪڏهن ڪو مون کي ماريندو هو ۽ مان ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ويهي روئيندو هئس تہ منهنجي وڏي ڀيڻ چوندي هئي

"چَندرَڪُ آ، اهڙو جي سدورو هجي ها تہ ڇم سان ئي بابا جو سر کٽين ها ڇا؟ اچو توهان، پاڻهي روئي روئي بس ڪندو."

۽ سندس ان جملي سان ئي، منهنجي روئڻ جي ڪري گهڙي ڪن لاءِ بيٺل راند وري شروع ٿي ويندي هئي مون کي شامل ڪرڻ کان سواءِ ئي.

مان سالن جي تفاوت سان ڇائو هئس ۽ سيني ۾ ننڍو هئس. ڀيا چارئ ڀائر وڏا هئا ۽ ڪمائيندا هئا، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن جڏهن مان ڪنهن ڊزائن جو ڪپڙو پائيندو هئس يا وار ڪٽائيندو هئس تہ وڏو ڀاءُ ڪَرڙِين نظرن سان ڏسندو هو

"اهڙي ٽرڙي ڊزائن پائبي آ، هان ... ظهير کي ڏنا ٿئي ڪيئن سبرائيندو آ ڪپڙا، سڀ خاندان ۾ هن جي پسند جي هاڪ آ ...... ۽ تون آهين ...... توکي تہ ڪير پڇي بہ ڪونہ."

مون کي ڇڻ اندر ۾ پاڻي پرجي ايندو هو، اڃان ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي تہ ظهير منهنجي ڊزائن جي ڪاپي ڪئي هئي، پوءِ هن سُنو ڪيو هو ۽ مون ٽرڙاڻپ ڪئي هئي.

۽ هوڏانهن امان ترسُ کائيندي هئي

۴

"چو ٿو اهڙيون حرڪتون ڪرين هادي، هيڏو ڏانگهو اچي ٿيو آهين. ائين نہ ڪرين تہ ڪو، ڪير تو تي ڪرڙي نظر رکي. مان بہ چا ڪيان، پٺهين تہ ڪونهي جنهن تي منهنجو حڪم هلندو. توهان پڻ هٿ آن، ..... هو تني چارئي ڪمائيندڙ آهن، ڪين چا چوان؟ ڪجهہ ڪچندس تہ بہ لڄي ٿيندس، اڄان ٽيون ڏينهن ئي وڏو ياٺهين پيو چوي تہ هن وار ڪيئن لهرايا آهن، مشتاق کي ئي ڏسو ... هن جا وار ڪيئن آهن. ياءُ اسان جو آ پر نہ ڏُهڻ جو نہ ڪُهڻ جو."

۽ مان امان سامهون چئي وجهندو هئس

"هنَ مشتاق بہ تہ مون سان گڏ ئي حجامت ڪرائي، ساڳي ڪَٽَ آ ينهي جي، ادا ائين چو ٿو چئي."

"نہ ابا ڪجهہ تہ فرق هوندو، نہ تہ چريو ٿيو آ چا؟"

۽ مان هميشہ امان وٽان اُٿي ايندو هئس، پنهنجي ڪمري ۾، در بند ڪري هميشہ پنهنجو پاڻ کي آئيني ۾ تڪيندو هئس.

"هن چهري کي غور سان ڏس هادي، شايد دنيا ۾ ان ڪان وڌيڪ ڪنهن تي ٽُڪ ٽُڪ نہ ٿيندي هجي."

۽ پوءِ رُتون بدليون تہ مون بہ جيئڻ جا انداز ڳولي ورتا، اهو گهر هئو تہ بيٺ لاءِ، مون لاءِ هڪ سراءِ هو، جنهن ۾ صرف رات گذارڻ ويندو هئس، نہ تہ مون الاءِ ڪيترا ڏنڊا سڪيا، ڪاليج مان ايندو هئس تہ منجهند جو ٽائيپ تي، اتان اچان تہ ميوزڪ ڪلاس تي. منهنجي گهر وارن جي معاشي حالت تي منهنجو ٽائيپ سکڻ بوجهہ هو، چو تہ ان سان هنن جي لڪاپتي هجڻ تي شڪ پئي ٿيو پرَ مون اهو ئي ڪيو جيڪو چاهيم. ان گهر سان لاڳو نہ هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن جي ڪو جملا ڪنن ۾

وڳهرائي وڃهندو هئو تہ مان بلڪل ڇتو ٿي پوندو هئس ۽ ان ڇتڪتائي جي دؤرن ۾ مان پنهنجو پاڻ کي ڏک ڏيڻ ۽ پيتين ۾ ٽڪر هڻڻ سگهيس. اذيت پرستيءَ جو هڪ دؤر هئو جيڪو مون تي لهي آيو هو، پوءِ ان مهل سڀ مون وٽان پڇي ويندا هئا، تان جو منهنجو جسم ٿڌو ٿيندو هو، اکيون پرجنديون هيون، مان خوب رُئندو هئس ۽ روئي جڏهن من جي مونجهہ جهڪي ٿيندي هئي تہ آئيني ۾ ڏسي مرڪندو هئس.

۽ وقت مٿان لهندو هو صحيفي جيان. مون تي ڏکن ۽ دردن جو چڻ وحي نازل ٿيندو هو ۽ تن لمحن ۾ دل چوندي هئي "هن ساوڻي رت ۾ ڪو تہ هجي جيڪو منهنجي پيننگهہ کي ٻہ لوڏو ڏئي" پر وري ذهن جهٽڪي ڇڏيندو هئس "هادي، ڪير وهاڻي لاءِ offer ڪرڻي نہ تہ مهربانيون مڃي ، هَتُ مٿي هيٺان ڏئي سمهي پئجاءِ، ڪهڙي ضرورت آ ڪنهن کان ڪنهن بيڪ وٺڻ جي."

اداسيون شخصيتن کي جنم ڏينديون آهن، منهنجي منهن جو روپ آئيني ۾ بدلجي ويو، هُو هاڻي مون کي خوبصورت ليکڻ لڳو، هر هر مرڪي منهنجو آڏرياءُ ڪندو هو، منهنجو چهرو پرجي ويو، اکين ۾ چمڪ ۽ وارن ۾ نرمي اچي وئي، شايد مان بہ جوان ٿي ويو هئس.

پوءِ منهنجين خاموشين مون لاءِ لفظ چونديا، منهنجيءِ نڙيءِ مون لاءِ خوبصورت آواز. ۽ انهن پلن ۾ مان الاءِ ڪيئن تو سان ٽڪرائجي ويس.

انهن ئي ڏينهن ۾ الاءِ ڪيئن اسانجو پروگرام ٿي ويو اوهان وٽ اچڻ جو.

تنهنجي ماءُ، منهنجي ماءُ جي سؤٽ هئي، سالن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو نہ تہ بس رڳو خطن وسيلي ٿورو ٿورو

لکيو گهڻو پيا چاهيندا هنا سين. منهنجن گهر وارن هن پيري خاص تياري ڪئي هئي، ڪين اتي مڙني ڪجهہ ڏينهن رهڻو هو، مون ڪان وات - تڪائي تي پر مون انڪار ڪري ڇڏيو، ميوزڪ ڪلاس جو بهانو ڪري جان ڇڏايم. هُو سڀ هليا ويا، مان گهر ۾ آخر اڪيلو رهجي ويم ۽ هوائون وري جڻ تيز ٿي ويون، اهو اوپرو گهر هڪدم پنهنجو ٿي ويو. مان دل کولي ڳائڻ لڳم. سمهڻ،کائڻ، پيئڻ، سوچڻ تائين هر شئي لاءِ آزاد هئم، نہ روڪ ٽوڪ هئي نہ ڪا ڪرڙي نظر. مان گهران ٿي ڪونہ ٿي نڪتم. شامون هيون تہ گلابي، صبح هئا تہ آسماني.

۽ اهڙيءَ ئي هڪ شام جو فون جي گهنٽي وڳي هئي.

"هلو" مان ننڊ مان اٿيو هئم، آواز هميشہ ڪان وڌ ڳرو هئو.

"هلو، ڪير؟" پريان نفيس ترين مگر خوبصورت آواز هئو.

"هادي"

"هُو ... ماسي جن چيو آ، تہ توهان هليا اچو" پريان ٽڪڙ ۾ جملو چيو ويو.

"ڪهڙا ماسيءَ جن؟" مون وارن کي ڳاهيو.

"توهانجي ماءُ وارا"

"پر، انهن اوهان کي ڪٿان چيو" الاءِ ڇو نڙي ڪڙي ٿي وئي، منهنجي ازلي ڇِت-ڪٽائي جڻ موٽي آئي.

"هُو هتي تہ آيا آهن اسان وٽ."

"ٽنڊو ڄام ۾" منهنجي واتان نڪري ويو

"پيو نہ تہ ڪٿي؟ اوهان کي گهران نڪرندي، ٽنڊوڄام جو ڇٺي هُوسڙيءَ ويندا ڇا؟"

پريان بہ ڪو رهزن انسان هو، مان الاءِ ڪيئن ٿي ويم ، مانوٽ

٧

پيس ڏي ڏسندي چئي ڏنم

"ڪم ڪهڙو آ جنهن لاءِ ياد فرمايو اٿن"

"اهو نہ ٿن ٻڌايو، بس توهان هليا اچو"

هن فون بند ڪري ڇڏي، هي آواز هو الاءِ ڇا؟...... ريکا جهڙو هو.....نہ تہ نِيتُو سِنگهہ جهڙو هو.... نہ...... پر منهنجو ڪهڙو ڪم، ڪهڙو بہ هجي

، مون کي ڇا،،، پر هئو ڏاڍو مٺو، ڏاڍو خوبصورت.... پلي هجي....پر مان پڇان تہ هان تہ هوءَ ڪير پئي ڳالهائي؟.... ڪيرَ بہ هجي ..... پڪ خوبصورت هوندي.....نہ نہ، خوبصورت هجي ها تہ ڪو ايڏو سٺو آواز ۽ لهجو هجيس ها، هر خوبصورت ماڻهو، واهيات آواز ۽ لهجي جو مالڪ هوندو آ، جيئن منهنجي گهر جو هر هڪ فرد آ. هوءَ پڪ بدصورت هوندي، ڪوجهي، .... ڪاري.

مون اُوهان جي گهر جو در کڙڪايو، دَرَ تي هَٽُ رکندي ياد آيم، گهٽ ۾ گهٽ اٺ سال ٿيا هئا مان سٽي نہ آيو هئس. امان وارا جڏهن بہ آيا هئا، مان ساڻ نہ ايندو هئومان، گهر جي ڏاکڻ اهائي ساڳي هئي، ترڪندڙ، پاٽي ماريل. هي اهو ئي هنڌ هئو جتان مان ننڍي هوندي هڪ ڀيرو ڪريو هئس ۽ رتو رت ٿي ويو هئس. ان زماني ۾ هن ڏاڪڻ ۾ عجيب قسم جي ڏپ هوندي هئي، هاڻي الاءِ ڪٿان اني هلڪي هلڪي خوشبو هئي.

در مان هڪ ننيڙي ٻاهر نڪتي.

"پير صاحب جن آهن"

مون هن ڏانهن غور سان ڏٺو، هيءَ شايد سيني ۾ نندي آ.

"ڪير بابا جن"

"جي"

"امي ته ڪونهن"

۽ ان مهل ئي، در جي ڪُليل تاڪَين مان منهنجي پيءُ جي نظر مون تي پئجي وئي.

"ائي هليو آ هادي، هتي وري ڪهڙا پيو پنهنجي اخلاق جاImpressions وجهين، ستو سنئون اندر گهڙي آءُ ۽ بس."

ننيڙي در تان هٽي وئي، مون ڪلهي تي ٿيلهو سنڀاليندي، گهر ۾ اندر قدم رکيو.

اديءَ ويندي ويندي امان کي سڏيو ۽ پاڻ ڪمرن ڏي هلي وئي.

گهر سڄي ۾ چڻ چوبول مچي ويو "هادي آيو آ، هادي ٻاهر بيٺو آ."

ڪمرن کي چاريءَ وارا در لڳل هئا، اندر جو ڪو منظر نظر نه ٿي آيو، مان اتي ئي در ٻاهر بيهي رهيس. ڪافي وڏو ورانڊو هئو ۽ ان مهل ئي در کليو، ماسي ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي.

"اڙي هادي اڃان اتي بيٺو آهين"

مون هن جي پيرن تي هٿ رکيا، هن منهنجي پيشاني چُمي.

"حد ڪئي ٿئي، اندر نه ٿو اچين، ڪو ڌاريو آهين ڇا؟"

هوءَ مون کي اندر وٺي آئي، اتي امان منهنجي اچڻ جو ٻڌي به ليٽيل هئي، مون سندس پيرَ ڇُهيا، هوءَ مرڪي اٿي.

"تڪجي پئي آن انڪري ٻاهر نه آئي مانءِ."

منهنجي دل چيو، چوانس، اوهان مون لاءِ هميشه ڪان ٽڪل آهيو، پر ڪجهه نه چيم.

"آ، ويهه هتي."

ماسيءَ ڪرسي ريڙهي، مون چئن ئي پاسي نظر ڦيري، الاءِ ڪيتريون چوڪريون اتي ويٺل هيون، مون انهن ڏانهن نهاري ڪنڌ سان Bow ڪئي ۽ ويهي رهيم.

"تون ته الاهي وڏو ٿي ويو آهين، ماشاالله، ڀورو چٽو........ڏاڍو سٺو نڪري پيو آهين هادي"

ماسي مون ڏي پر شوق نگاهن سان نهاري رهي هئي، مان شولڊر بئگ جي ڪڙن سان کيڏندو رهيم. پريان منهنجي پيءُ جو آواز آيو "پهرين ملاقات پر هي هميشه اهڙو ئي لڳندو آ."

"۽ پوءِ!"

هڪدم اهو آواز اُڀريو، ساڳيو فون وارو.

"پوءِ"

منهنجي پيءُ پنهنجين خوبصورت اکين پر نفرتن جا رنگ پريا، سندس چَپَ عجيب نموني سان مرڪڻ لڳا، مون هن تان نظرون ڪٽي، پاسي ڏي نهاريو، اها تون هئينءَ. شايد منهنجي سڄي Bio-data کان واقف ٿي چڪي هئينءَ. تنهنجين نظرن پر مون لاءِ ترس هو ۽ ان مهل ئي منهنجي ذهن پر آيو "هي رحم، سئنڊوچ پر پيل بيدي يا پاڃيءَ جيان نفرتن جي ٻن ٿلهن سلائيز جي اندر هوندو آ، پوءِ چڪُ هڻ ته ٿورو ذائقو ڏيندو ۽ پوءِ وري نفرتن جي ڊبل روٽي هوندي ۽ ڏند هوندا."

منهنجيون اکيون وري ڦرڻ لڳيون، پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ ماسيءَ کي چيم

"مان هَتُ مُنهن ڏوڻ تو گهران."

"اِچ، مان توکي تنهنجي ڪمري ۾ وٺي هلان، تون بنگ رک پوءِ جيئن وڻئي تيئن ڪر."

سون بنگ ڪنيو، ماسيءَ پوريان هليم ته لڳو اهي نظرون پٺيءَ ۾ سوراخ ڪري ڇڏينديون.

اتي آيم ته خبر پئي ڪم ڪو به ڪو نه هئو، بس ماسيءَ ملڻ ٿي چاهيو، سو گهرايو هئائين.

سڀ ئي روز ڪو نه ڪو پروگرام ڪندا هئا، ۽ مان ڪمري ۾ بند رسالن ۽ گانن سان ويئو دل بهلائيندو هئم. ماسيءَ ڪيڏو نه چيو پر مان اهوئي مردم بيزار.

هڪ ڏينهن مون ٻڌو، تو اديءَ کي چيو پئي "هي شخص ڇا شروع کان ئي ايڏو بور آ."

"بيو نه ته، بنهه Super class جو، ڪڏهن نه ڪنهن سان ڳالهائيندو. پاڻ کي الاءِ ڇا پائيندو آ"

"پوءِ توهان سمجهايوس نه ٿا "

"ڇا سمجهايونس، ڪنهن جي ٻڌي به نه. ٿورو چوندا سينس ته پتين ۾ ٽڪر هڻندو، رتو چاڻ ڪندو،پاڻ کي. ٿانوَ پڃندو ۽ الاءِ ڇا ڇا ڪندو."

"الا" تنهنجي لهجي ۾ تاسف هو.

"بيو نه ته Complete mental case آهي."

پريان تو الاءِ ڇا سُرباتين ۾ چيو، ۽ منهنجي دل هڪدم تيز ڌڙڪڻ لڳي. "هن الاءِ ڇا چيو هجي.... پر ڇا به چوي منهنجو ڇا؟....

مچ ڪٿي يار، هُوءَ توکي سٺي لڳڻ لڳي آ. سندس ڳلن جا گلاب، وارن جا ورَ ۽ اکين جو خمار من موهيندڙ آهن. اگر ته اهڙي ڪانه هئي، هڪڙي قتل انب جهڙي هوندي هئي، هاڻي ته الاءِ ڇا ٿي ويو اٿس ..... پر هاءِ هادي..... ڪونه سترئين پٽ. اُن ڪان اگ ڇا سهڻيون ڇو ريون ڪونه ڏٺيون اٿئي؟ هن ۾ وري ڪهڙي خاص ڳالهه ..... ۽ جي ڳالهه هجي به ته ڇا هي؟... هُنَ کي تُنهنجَن ڪارنامن جي مڪمل رپورٽ مليل آهي، هڪ بدنام ترين، واهيات انسان، جنهن جا الاءِ ڪيترا اسڪينڊلَ هُنَ جون سکيون پينر ٻاهيينديون آهن، اُنَ سان ڇا هُوءَ محبت ڪندي؟.....بيوقوف آن تون ..... گڏهه آن بلڪل.

ٻه ڏينهن لنگهيا، هڪ دفعي، ڊائننگ ٽيبل تي فيشن تي بحث هلندي، ماسي هڪدم چئي ويٺي "توبنهن، اڄڪلهه جا ڇوڪرا ڪيئن نه ڪُرُو ڪٽَ ٿيو وتن. اڳيان جَهِلو پيو لڙڪي، ڪَنَ صاف، پويان ڏاڙهي جو پُڇُ."

منهنجي وات مان نڪري ويو "اهين ته ناهي ماسي، الاهي سٺو ته لڳندو آ، هونئن به فيشن آ، شل نه هئي.... هڪڙ ڪيو ته پيو ضرور ڪندو."

"نه هاڻي اهين به ناهي، الاءِ ڪيترا ڇوڪرا نه ڏٺا ڪن"

اديءَ منهنجي ڳالهه کي رَدُ ڏنو، مان نه چاهيندي به چپ ٿي ويم، ۽ ان مهل تو هڪدم چئي ڏنو "هونئن هادي صحيح آ، ڇوڪرا الاهي سٺا

لڳندا آهن ان Hair-Style ۾"

أنَ مهل اهو جملو مون لاءِ الاءِ ڇا هو، ....هيءَ ڪيرَ آ، جيڪا مون لاءِ ٿي ڪجهہ ڳالهائي. تنهنجي ڳالهہ هڪُ جيڪ پاڻ هئي، سڀ تنهنجي ان يڪ مشت فيصلي ڪان مطمئن ٿي ويا ۽ منهنجيون نگاهون تو ڏي اُٿيون، تو مون ڏي ٿي نهاريو پئي، جڻ نظرن ئي نظرن ۾ چوندي هجين"اسان سان گڏ هوندين تہ شڪست نہ ٿيڻ ڏيندا سون،آخر تنهنجو پاسو وٺي اهوثابت ڪيو آ."

۽منهنجين نظرن جڻ چيو هجي

"مان ٿورائتو آن تنهنجو، جو شايد ڪرم نوازين لائق مان گهٽ ئي هوندو آن."

مون تو سان پاڻ نہ ٿي هلڻ چاهيو،الاءِ گهر وارا اوهان وٽ ڇو اڪي پيا هئا جو اهو ڏورو ڪجهہ طويل ٿي ويو هو، مون ڪي تنهنجين اکين ۾ الاءِ ڇا ٿي نظر آيو، مان اندر ئي اندر ۾ گهٽجڻ لڳم، هن چڪر جي مان لائق ناهيان، ٿي سگهي ٿو هوءَ بہ پين وانگر مون سان وقت گذارو ڪندي هجي.

مان ڇاٽي واٽي توڪان پري ٿيندو ويم،توسان قربتن جا موقعا الاءِ ڪيترا ملندا هئا، مان لنوائي ويندو هئم، اُنَ هنڌ تان ئي اُٿي ايندو هئم جنهن جي آس پاس تون موجود هجين.

أن ڏينهن شام جو، مون ڪمري جون دريون ڪولي، رڪارڊر تي عطاالله نيازيءَ جو رڪارڊ لڳائي، پاڻ دريءَ تي منهن رکي اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

دعا سلام تي بندگي هتان دي، وجين آکين يار سجڻ ڪون

تيڏي ناز نواز ميڪون ياد آنديهن، مين تان ڏيران ڏيوان مگتون
تي هجر فراق تي ڏاڍيان دردان، اڄ پيڙهه لڳي هر سن سن ڪون
آکين جيوين هو سان تي ملڻا آسان، تان ڏاڍيان لائيان تنتون.

ڏکُ اندر ۾ لهندو ويو، منهنجي دل جي پير، ڏونڪن جي حوالي هئي، ۽ ان مهل ئي ان لهندڙ شام ۾، اديءَ وارن هڪ ڏک سان ٽيپ بند ڪري ڇڏيو، مون اکيون کولي ڇڏيون.

”سپني کي خبر آ، تون انتها درجي جو بور ماڻهو آهين، پر ان جو مقصد اهو ته هرگز نه آ ته تون هن گهر جي هيڪلي ٽيپ تي ٢٤ ڪلاڪ ئي قبضو ڪيو ويٺو هجين.“

اها تون هئينءَ، مان سڌو تي ويٺم، ڪجهه چوڻ بجاءِ ٽيپ جو سوئچ ڪڍي تو ڏي وڌايم.

”ڇو؟“ تنهنجيون اکيون مُرڪيون پئي.

”توهان ڪٿي ويو، ٻڌو وڃي.“

”ڪٿي آءَ“ اديءَ هٿ وڌايو، تو روڪي ڇڏيس.

”نه، هتِ ئي ٻڌنداسين ۽ هن جي موجودگيءَ ۾ ئي ٻڌنداسين.“ تو پنهنجو مخصوص لهجو ڏاريو.

”هن وٽ ته اهو ئي مٺو نيازي هوندو

بالو بتيان وي ماهي ساڪون مارو سنگلان دا
پتل بٽانيئي سونا بٺسان عملان دا“

اديءَ ٽوڪ طور شعر پڙهيو.

”ته ڇا ٿيو، تون ويهه مان ڪئسٽ ڪٺين ٿي اڄان“

تو اديءَ کي ويهاريو، مون ٽيپ کٽي پلنگ هنيو.

”اڄ ڪاڏي گهمڻ ڪونه ويٺو ڇا؟“

"نہ، ڪجهہ پاڙي واريون هتي ني امان سان ملڻ آيون آهن"

اديءَ اخبار پٽي ڏني، مون بہ وڌيڪ ڪجهہ ڪڇڻ مناسب نہ سمجهيو، ڪجهہ لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ تون ڪجهہ ڪئسٽون ڪڍي آئينءَ.

"اڇي Select ڪر." تو ڪئسٽن جو ٿهو اديءَ ڏي اڇليو.

"ءِ تون"

"مان پنهنجي پسند جو گانو ڪڍي آئي آن، تون ڳول تيستائين مان پڙدي ونان، پوءِ هڪ تون پڙرائيجانءِ پنهنجي پسند جو ۽ هڪ ساري پڙرائيندو، ٺيڪ آ"

تو اديءَ ڏي نهاريو، هن جون اکيون ڪئسٽن پر هيون صرف ڪنڌ سان هائو ڪيائين،تو مون ڏي نهاريو، مان نگاهون نہ چورائي سگهيس. تو مرڪي ڏنو. اها هڪ مرڪ گهڻو ڪجهہ ڳالهائي رهي هئي.

تو لڳايو، لتا جي خوبصورت آواز پکڙجي ويو

آپ مُجهي اَچي لگني لگي،
سَپني سَچي لگني لگي
نين ساري رَن جَگني لگي،
آپ مجهي اَچي لگني لگي
اکيون ڪو پيدکولنا آگيا،
مَيرَي من ڪو پِيي دَولنا آگيا،
خاموشي ڪو بولنا آگيا،
ديکو گيت مَيري مُکَ پِي سَجني لگي،
آپ مُجهي اَچي لگني لگي.

اهو گانو نہ هو الاءِ ڇا هو، تو ان کي ڇهن ئي ڇهن پر ڳايو پئي،

مون جيڏي مهل تي ڏٺو ته تون اديءَ کان پُڇيري وڃي هئينءَ ۽ مستقل مون تي نهاري رهي هئينءَ، جڻ مون کان سنئون سڌو محبت لاءِ اقرار گهرندي هجين. مون هر دفعي تو ڏي نهاري ڪنڌ هيٺ تي ڪري ڇڏيو، ڇا ڪيان هُنَ جي شوريده سريءَ کي، هُن جذبن جي بغاوت کي.

۽ پوءِ منهنجو وارو آيو ته مون ورِي بي نيازيءَ جو رڪارڊ لڳايو

دَونَون ڪو آ سَڪي نہ نپَاني محبتين
اب پَڙ رَهي هيَن هَمر ڪو پلَاني محبتين
گُذري زمون ڪَي زَخَمر پي اب تَڪ نهين پَري
ڦر اور ڪيا ڪسي سي بَڙهاني محَبتين
ڪن ڪن رفاقتون ڪي دني واسطي مگر
اسَ ڪو نہ ياد آئين پُراني محبتي.

اديءَ ڳاني جي وچ ۾ ڳشپ بند ڪرڻ گهري، تو روڪي ڇڏيس، شايد تو ڪي جواب ملي ويو هو مان هڪدم ڪمري مان نڪري آيس.

اُنَ رات جو ڊائننگ ٽيبل تي هيڪلو ماني کائيندي، مون سيني لاءِ جڏهن واجهايو هو ته خبر پئي هئي، هُن سيني کي پاڙي واريون پنهنجي گهر وٺي ويون هيون. نوڪرَ مون لاءِ ماني ڪڍي هئي. مون هن کان سيني لاءِ پڇيو ته هُن ٻڌايو ته تون گهر وڃي آهين. الاءِ ڪا ساهيڙي اُچتي هيٺي جنهن جو انتظار پئي ڪيئي شايد.

مان خاموشيءَ سان نڙي پريندو رهيس انهن ئي لمحن ۾ تون پنهنجي پليٽ کڻي آئينءَ.

”مان شريڪ ٿي سگهان ٿي“

”ڇو نہ“

تو ڪرسي سَيرَي، ماني ڪڍي هٿي ۽ اتي ئي منهنجي پر واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. الاءِ ڪيترا لمحا خاموشيون هيون، بس چمچا هيا سي کڙڪيا پئي.

"توهان واقعي سنجيده طبيعت جا آهيو يا پوز ڪندا آهيو"

"جي." مان سچو ڳڙٻڙائجي ويو هئس "ڇا مقصد؟"

"مقصد اهو ته اسان ڪان سُنا ته اهي ٿانوَ آهن، جو هڪ ٻئي لاءِ ڪو آواز ته پيدا ٿا ڪن."

"ڇا ڳالهايان" منهنجو آواز وري ڏرڻ لڳو.

"ڪا به ڳالهه... موسم، ٿڌ، گرمي، ڪا به ڏش." تو مرڪيو.

مون سواليه نگاهن سان تو ڏانهن ڏٺو.

"اهو ئي ته موسم ڪيئن آ، ماني سُٺي تيار ٿيل آهي يا نه، يا مان ڇو نه وٺي آن....... جڏهن ته سڀ گهر وارا ريل آهن." تنهنجي مرڪ گهري ٿي وئي.

"اهو توهان جو ذاتي معاملو آ، مان ان ۾ ڪيئن ٿو دخل ڏئي سگهان." مون پاڻيءَ ڍڪ پريو، هاڻي ته نڙي جڻ خشڪيءَ جي ٿَهَن اندر هجي.

"پر ماڻهو رسمِ دنيا سمجهي ئي ڪٿي پڇندو آ."

"مان رسمِ دنيا جو گهٽ ۾ گهٽ قائل آن."

"تڏهن اتين Rude آهيو."

تنهنجو اهو جملو مون لاءِ الاءِ ڇا هئو، مان هڪدم گرم ٿي ويس، ان ڪان پهرين جو تون ڪجهه وڌيڪ چوين مان اتان اٿي هليو ويس.

رات جو سيني دير ٿائين ڪچهري ڪئي، ۽ تقريبن ٻين بجي جڏهن سڀ سمهڻ ٿي ويا ۽ مون اجان هنڌ ۾ ليٽي رلي مَسَ وڌي هئي ته تو سڏ

ڪيو

"هادي"

"جي" مون رلي ۾ ئي ڪئي.

"پاڻي" تون هٿن ۾ پاڻيءَ جو گلاس ڪنبو بيٺي هئينءَ.

"۾ مون تہ نہ گهريو هو" منهنجي واتان نڪري ويو.

"توهان ئي تہ گهرايو هو......... ڏهيو"

تنهنجيون اکيون عجيب انداز ۾ ٻُري رهيون هيون، پهرين انهن ۾ ڪو ولولو هو، پوءِ مايوسي. مون ڏٺو، پريان تنهنجي ماءُ منهنجي سمهڻ واري ڪمري جي ڪليل درَ جي بلڪل سامهون پنهنجي کٽ تي هنڌ وڇائي رهي هئي، مون کي سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي. هڪدم تو کي سڏيم، تون مٽيءَ جو چُڪي هئينءَ.

"فوزيہ، ڪٿي اچو پلا."

تون هڪدم وَري آئينءَ، گلاس ڏئي تو هنڌ ۾ رليءَ جي پيڪڙ ۾ ڪا شئي لڪائي.

"هي پڙهجو پليز"

پوءِ جڏهن سڀ وڃين پنهنجن هنڌن ۾ ڌانئيڪا ٿيا تہ مون ڏٺو، اها هڪ ڪاري رنگ جي ڊائري هئي جنهن ۾ تو پنهنجي هڪ هڪ جذبي کي لاٿو هو، تو اقرار ڪيو هو اُن ۾ مون سان محبت ڪرڻ جو، ۽ بقول تنهنجي "مون ڏاڍو پاڻ کي روڪيو، پر هي دل وحشي منهنجي پُهچ کان نڪري ويو آ ۽ مان مجبور آن."

اها ڊائري اڌ لکيل هئي، ۽ باقي خالي پنجن مان ڪيترن تي لکيل هو

"هادي، مان اوهان سان گڏ هلڻ تي گهران......... هلڻ تي

گهران.“

اها خواب جي ابتدا هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ننڊ مان اُٿي مون ڏٺو، تون سامهون پنهنجيءَ ماءُ جي هنڌ تي ليٽي مون ڏي ڏسي رهي هئينءَ. مون تو ڏي نهاريو ته ڪَنڌُ ڦيري ڇڏيئي. منهن ڦيريندي به تنهنجا ڳلَ ڳاڙها ٿي ويا هئا. مان هَنڌَ مان نڪتم ته تون ڪمرو ڇڏي وئينءَ. مون نيرن ڪئي، الاءِ ڪيترا ڳانا ويهي ٻُڌا، تون نظر نه آئينءَ تان جو منجهند مهل تون ساميءَ تي ڪجهه لمحن لاءِ نظر آئين، شرمايل، نظرون جهڪيل، ڄڻ پنهنجي رات واري حرڪت تي شرمنده هجين.

مون يڪو ويٺي سوچيو، تو کي جواب ڪيئن ڏيان. هونئين ته ڪٿي ڪيڏي ڪيڏي مهل ڳالهائيندا هئاسين، سو به تون ئي ڪجهه پُڇي وٺندي هئينءَ، مون ته ڪڏهن به تو کي ڪو نه سڏيو هو.

آخر همٿون ميڙي تنهنجي ڊائريءَ ۾ چٽ لکيم

”توهان مون لاءِ ڇا آهيو، ڇا لکان. ڊائري واپس پيو ڪريان، ٿي سگهيوَ ته سڀاڻي جڏهن سَڀ گهمڻ وڃن ته گهر رهجو، پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائيندا سين.“

هاڻي اها ڇني ڏيڻ جو مسئلو هو، مون الاهي سوچيو پر ڊائري واپس نه ڀني ڪري سگهيس. ۽ رات جو ڪچهري ختم ٿيڻ مهل مون کي هڪدم هڪ خيال آيو، پنهنجي ڪمري ڏي ويندي مون تو ڏي نهاريو

"فوزيه، جي مائنڊ نہ ڪيو تہ مون کي پاڻي گلاس پهچائي وڃو."

تو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو، ۽ اندر ڪمري ۾ وڃين، منهنجي دل ڄڻ سيني مان ٻاهر نڪرڻ لڳي. ڪجهہ لمحا رکي تو گلاس آندو تہ مون تو ڏي نهاريو، تون وري بہ مون کان شرمائي رهي هئينءَ. منهنجي اندر جو مرد ڄڻ ٻَلَ ڏيڻ لڳو. گلاس وٺي مون تنهنجي منهن کي ويجهو کان تڪيو،

"محبت جي شروعات بہ ڪرين ٿي ۽ شرمائين بہ ٿي."
تو هلڪو مرڪيو، اها هڪ آسُودي مُرڪَ هئي،
مون ڊائري تہ ڏي وڌائي،
"هن ڇانگهي کي، هي نازڪ وجود اکين تي آ. "

مون تہ ڏي نهاريو هو، تو خاموشيءَ سان، ڊائننگ ٽيبل تي ڪِريل گيهہ جي ڇميل داغ کي پنهنجي ننُهن سان ويلي ڪوڙيو، الاءِ ڪيترا ئي لمحا خاموشيءَ جي حوالي ٿي ويا هئا. پوءِ مون ئي ڳالهايو
"هي فيصلو ڪجهہ عجيب آ توهان جو، منهنجومقصد آ اسان ٻنهي جو."

تو پنهنجي ويڪرين اکين ۾ حيراني ڀري مون ڏي نهاريو هو.

"ڇو"

لفظ ڇني، تو ننُهن جي هڪ ئي سَٽَ سان، اهو ڇميل گيهہ ميز تان ڀري ڪري ڇڏيو هو. اهو هڪ لفظ نہ هو، تو ڄڻ ڪنهن ترار جو وار ڪيو هو.

"ان ڪري جو تون ۽ مان هڪ ٻئي جا أبتڙ آهيون، مان هڪ بدنام ترين انسان آهيان. الاءِ ڪيترا اسڪينڊل مون سان وابستہ آهن،

هڪ مخصوص سرڪل آ. جيڪو صرف منهنجي براين کي پڪيڙڻ تي مون لاءِ چڻ مامور هجي، تنهنجو منهنجو ڪهڙو ساٿ؟. مائنڊ نہ ڪرين تہ چوان تہ تون بہ ڪجهہ ڏينهن ساڻ هلنديئن، پوءِ ڇڏين ويندينءَ آخر انسان آهين."

"نہ مان تو لاءِ فرشتو آهيان"

تو مرڪيو هو مون تو ڏي نهاريو هو.

"فرشتا ڇا ڇڏڻ نہ ڄاڻندا آهن؟"

"نہ تہ، هو تہ ڪجهہ بہ ڪو نہ ڪُڇندا آهن، بس عمل پيا لکندا آهن. مان بہ تنهنجي هر عمل ۾ شريڪ هوندم هر ڪا ڳالهہ نوٽ پئي ڪندم تو کي پين وانگر Tease نہ ڪنديس."

مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو ڇا چوان.

تو مون ڏي نهاريو هو، نظرون مليون تہ هڪدم ڇني ويئينءَ

"مان تو لاءِ آن، تون جي خراب بہ آهين نہ تہ دنيا لاءِ، مون لاءِ نہ. دنيا سان پنهنجو رشتو الڳ مون سان الڳ.........ٺيڪ."

مون ها ۾ ڪنڌ لوڏيو، تڙي جڻ ڪنهن گُهٽي ڇڏي هئي.

"تون مون لاءِ جي آهين بہ نہ تہ عجب جي نشاني آهين، مون سان تہ ڪنهن بہ پريم ڪو نہ ڪيو آ..... امان بہ ڌتڪاريو ٿي هوندو... ان ۾ مڃان ٿو ڪجهہ سُلوڪ منهنجو بہ آ. جيڪو اِنَ روئيي جو ڪارڻ آ، پر ايترو بہ نہ جيترو مان کي ملي ٿو."

"مان ڄاڻان ٿي، سڀ خبر اٿم. سڀ ڪا ڳالهہ سوچي سمجهي مان هن راهہ تي چڙهي آن..... تنهنجي طبيعت بہ ڄاڻان ٿي... بس هڪ ڳالهہ سمجُهہ ۽ دل ۾ ويهار، ماڻهو جيَ گاڏيءَ ۾ چڙهندو آ نہ اڪيلو، تہ همسفرن جي ڪاڻ ٿوري هوندو آ. ڪَمُ تي سفر تائين پهچڻ ٿي هوندو آ

نہ، سو ماڻھو ڪيٿن بہ پُهچي"

تہ ڏاڍو تکڙو پيو ڳالهايو، ۽ الاءِ ڪيئن مون اُن مهل، تہ ڏي ڏسي چتي ڏنو

"تون مون سان فلِرٽ تہ ڪو نہ پئي ڪرين"

تنهنجو سچو مُنهن وسامجي ويو هو، مُرڪَ گم ٿي وئي هيئي، چَپَ چڻ هڪدم نوٽ ٿي ويا هُجنئي. مان پشيمان ٿي ويم تنهنجي هٿ کي جهلي چيم

"مان معافي وٺڻ سخت ناپسند ڪندو آن، يقين ڪر مون اڄ تائين تمام گهٽ اهو لفظ واتان ڪڍيو هوندو، اڄ تو کي ٿو چوان، معاف ڪري ڇڏ."

مان ميز تان اٿي کڙو ٿيم، تنهنجو هٿ دٻائي اتان تيزيءَ سان اندر هلي ويم. ڪمري ۾ پهچي مون ڪڙڪر ہڌو، تون مون پويان اندر آئي هئينءَ. مون ڏي ڏسندي چيئي

"اٿين ڪيترا پيرا ڪندين ۽ گهٽيون معافيون وٺندين."

مون ڪجھ نہ ڪڇيو هو، تو ويجهو اچي منهنجي وارن کي ٺڪي ڏني هئي ۽ ٻاهر هلي وئي هئينءَ.

انهن ڏينهن ۾ آتينو، منهنجو يارُ، مون کي الاءِ ڪيترا مرڪندا، ڇهڪندا روپ ڏيکارڻ لڳو. هي مان هئم جنهن جي لاءِ ڪنهن جون نظرون ڳولا ڪن. ڪو خوبصورت وجود منتظر هجي. واهہ ڙي مالڪ.... يا تہ ڪو بدصورت نہ ٻاڻيندو هو، يا هي هيڏيون مهربانيون. مان جهٽ پٽ ۾ خوش مزاج ٿي ويو هئم. سيئي حيران هئا تہ هن هاديءَ جو ڦِرڪو ڪيئن ڦريو آ، هي آدم بيزار انسان پاڻ ماڻهو ڪيئن ٿي ويو، ۽ سندن ان

عجب تي مان ليڊين اڪين سان تو ڏي ڏسندو هئس، ۽ تون ڇپن ۾ مرڪندي هئينءَ. ڄڻ چوندي هجين
"مون نہ چيو هو تون ضرور بدلجندين."

اوچتو امان وارن جي واپسيءَ جو پروگرام ٿي ويو، جنهن ڏينهن روانگي هئي تہ تو صبح جو سوير منهنجي ڪمري جي دَرَ تي ناڪ(Knock) ڪيو هو. مان انَ رات عجيب عذاب ۾ هئس. گذريل ٻن ڏينهن کان تو سان ملڻ نہ ٿيو هو، ڪو موقعو ئيِ نہ مليو هو ۽ اڄ صبح تي روانگي هئي. ان مهل مان چادر وجهيو ليٽيو پيو هئس، الاءِ ڇو دل چيو اها تون هوندينءَ. مون چادر پري ڪئي، تون پيرن کان بيٺل هئينءَ.

"تون در نہ کڙڪائيندي ڪر، تنهنجي اچڻ کان اڳ ئي هتي هُڪ واسُ اچي ويندو آ، پوءِ اهو کڙڪو کهڙي ڪم جو"

تو خفيف مرڪيو هو، هٿ ۾ چانهن جا ٻہ مگ هُيَئي، هڪ مون کي ڏئي تون خاموشيءَ سان پيرن وٽ اسٽول تي ويهي رهينءَ.

"اتي ڇو ٿي ويهين"

الاءِ ڪيترا لمحا تو مون کي ۽ مون تو کي ٽڪَ ٻڌي پئي ڏٺو، خاموشيون وڌنديون ويون، وقت ٽهندو، ڪڏندو ڊوڙندو رهيو. تو نڙيءَ تي هٿ رکيو، منهنجي وات مان نڪري ويو

"سُورُ ٿئي ٿو ڇا"

"نہ"

تو اچاريو، آواز ڪجهه پريل هيئي.

"مان سمجهندو آن تہ صرف منهنجو آواز ئي ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ گرو هوندو آ، هتي تہ تو سان بہ اها ڪار آ."

مون مرڪيو، چاهيم ماحول ڪجهه خوشگوار ڪيان.

"تون پنهنجو مڪمل خيال رکجانءِ، ماني وقت تي کائجانءِ ۽ ڪجهه نارمل ٿيڻ جي ڪوشش ڪجانءِ"

تو هڪدم چڻ ڦاٽ ڪاڏو.

"تون تہ پڻ ڏينهن پر چارج وٺي مڪمل وائف ٿي وئي آهين."

مون مرڪيو، هيءَ ايترو جوڻ لاءِ ايڏو جلد موٽ وٺ آئي آ. تون هڪدم شرمائجي وئي هئينءَ.

"تون ڏاڍو ڪمينو آهين"

"اها اڌوري راءِ آ، مڪمل نہ ڪندينءَ"

"مان صرف راءِ مڪمل نہ ڪندس، پر تو کي بہ مڪمل ڪندس."

تو مرڪيو هو، الاءِ ڪيترا لمحا سرڪي ويا هئا. مان چانهن جا ڍُڪَ پريندو رهيم، مگ خالي ٿيو تہ تو وٺڻ لاءِ هٿ واڌيو، مون مگ پاسي کان رکي خالي هَٿَ سدا ڪريُ وڌايا، تون ڪجهه لمحن لاءِ بيهجي وئي هئينءَ ۽ پوءِ هَٿَ وڌائي منهنجي هٿن تي رکي ڇڏيا هيئي. مان عجيب ديوانگيءَ سان تو کي ڏسندو رهيم، تون عجيب ڪيفيت جو شڪار هئينءَ ڪجهه قربتون هيون ۽ ڪجهه فراق جو ڊپ.

"مان، تو لاءِ آن، تنهنجو ٿيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندم، تون مون لاءِ منهنجو ٻارن جي انبوهہ پر اڪيلو هُونديَ، پسنديده راندڪو آهين، ساهہ پر سانڍڻ جهڙو، مان تو کي ڪيئن ڇڏيندم."

پوءِ تو وٽان آيم تہ ڇا نہ ٿي ويو، مون اندر. مون ميوزڪ ڪلاس ڇڏي ڏنو، ٽائپنگ سکڻ نان هٿ ڪنيم، سڄو سڄو ڏينهن گهر رهڻ لڳم. سيئي حيران هئا پر مون کي تہ هڪ ئي احساس هئو، سئو ٿيٺو آ ۽ سئو ٿي ئي هُنَ سامهون ويٺو آ.

ان عرصي ۾ ڪڏهن ڪڏهن فون تي تنهنجو آواز نصيب ٿيندو آ، ڪجھ لمحن لاءِ. جڏهن تون فون ڪندي هئينءَ ۽ مان رِسيو ڪندو هئم، ۽ ڪٿي اديءَ کي سڏيندو هئم. ان هڪ لمحي لاءِ تہ الاءِ ڪيڏي مهل فون ڪرين، مان سڄو سڄو ڏينهن فون جي پرسان ويٺو هوندو هئم، هر گهنٽي جڻ دل جو رِسيور کڻائيندي هجي.

ان ڏينهن تنهنجو فون آيو، گهر ۾ ڪو ئي نہ هو. فون کنيم تہ تنهنجو "هلو" ٻڌي منهنجو گلو جڻ خشڪ ٿي ويو.

تو وري سڏيو "هلو، ڪير آ بابا"، تو ڪو ٻار سمجهيو هو.

"هادي"

ڪجھ لمحا چپ هئي.

"توهان ڪيئن آيو"

"بلڪل ٺيڪ."

"ٻيا سڀ"

تو شايد پنهنجي موضوع تي ڳالهائيندي شرم پئي محسوس ڪيو.

"گهر ۾ ڪو ئي بہ ڪونهي." مون جملو ڊِگهي ڪڍيو.

"ڪاڏي وياهن ڇا؟"

"ها، گهمڻ ويا آهن."

"هتي بہ ڪو ئي ڪونهي ڪو، سڀ ڪم سان ويا آهن."

منهنجو چِڻ سڄو وجود خوشبوئن ۾ ويڙهجي ويو.

"پوءِ تون مون سان الاهي ڳالهيون ڪر."

"توهان وري به هُنن سان ڪو نه ويٺو، حالانڪ مون کي پَڪَ هئي توهان پاڻ کي بدلائي هنن سان ڪمپني ضرور ڪندا." تنهنجي لهجي ۾ شڪايت هئي.

"مان جي وڃان ها تہ تنهنجو فون ڪير رِسيو ڪري ها.... هان.... مون کي تنهنجي فون جو الاهي انتظار هو." مون چِڻ ڦات ڪاڍو.

تون ڪيترا ئي لمحا چپ هئينءَ، مون ئي ڳالهايو

"يقين ڪر فوزي، مان الاهي بدلجي ويو آن، گهٽائي ڪم چڏي ڏنا اٿم، سڌرڻ جي ڀرپور ڪوشش پيو هيان."

"مون کي خبر پوندي آ پئي، فون باقي چا لاءِ ڪندي آن."

تنهنجو لهجو مون لاءِ چا هو؟.... الاءِ چا هو، جيترو ڳُڙ وجهين پئي شايد اوترو ئي چاهت مون کي مٺي پئي لڳي.

"مون ميوزڪ ڪلاس چڏي ڏنو آ، ٽائيپنگ بہ بس ڪيم... نيڪ آ نہ. ان ڪان سواءِ هاڻي اميءَ، آپا، ادا سيني جي ڳالهہ ٻڌندو آن، پنهنجي پاران ميڻ جي ڪوشش ڪندو آن. نيڪ آ نہ." پنهنجو پاڻ کي بلڪل هار پئي لڳس.

"ٻڌ، هادي، رسيور پنهنجي ڳل تي رک، مان تو کي ڀڀي ڪرڻ تي گهران." مون رسيور ڳل سان لڳايو، پريان تو مائوٿ پيس کي چميو، منهنجو ڪنُ چِڻ وڃي ويو.

"ائين چو ڪيئي؟" مان ڏاڍو خوش هئم چپ چِڻ خودبخود مُرڪندا هجن.

"تون مون کي هن مهل نہ بلکل پار ٿو لڳين، شفقت لاءِ ترسيلُ"

" ۽ تون مون کي منهنجي ماءُ جيڪا شايد ائين نہ ڪندي هجي."

"تون مڪمل ڪمينو آهين"

"چڱو ٿيو تو اڄ پنهنجي راءِ تہ پوري ڪئي."

"اڄ نہ مون کي الاءِ ڇو تون صبح کان ڏاڍو ياد آئين، معمول کان گهڻو. منهنجي دل الاهي ساترو ڇيو، اڄ تو سان ڳالهايان، خوب ڪچهريون ڪيان."

"ان ڪري گهر وارن سان گڏ نہ وڃڻ تي ڪاوڙ ظاهر ٿي رهي هئي"

"نہ تہ، اهو تہ مڙني شو هو."

"تہ سرڪار شو آف بہ ڪندي آ."

"ڪنهن ڪنهن سان."

اسان الاءِ ڇا ڇا پئي ڳالهايو، وري چپ ٿي وياسين، ٻنهي طرفن خاموشيون هيون.

"ٻڌ، مان تنهنجا ساهہ ڳڻي سگهان ٿي."

"۽ مان تنهنجي اکين ۾ نهاري سگهان ٿو."

"مون کي ڪيترو ياد ڪيو هيئي اڄ؟"

منهنجي آواز ۾ مون لاءِ الاءِ ڇا هيو، منهنجو آواز خود مون لاءِ اجنبي هو.

"تون وسرندو بہ آهين." تنهنجي آواز ۾ خمار هو.

"پراڻا ڊائلاگ هئي ڳالهہ ٽار نہ، سنڻن سڌو ڪجهہ تہ چئو نہ"مون الاءِ تنهنجي واتان ڇا ٿي ٻڌڻ گهريو.

"تون هتان ويو هئين نہ، تہ مون انهن صوفن جي هٿين کي بہ چميو هو جتي تو هٿ رکيو هو." تون جملو چئي چپ ٿي ويئي هئينءَ.

مون الاءِ ڪيئن چيو "هن مهل خبر ٿئي منهنجي ذهن ۾ ڇا آهي؟"

"ڇا آهي"؟"

"اوهان پنهنجي گهر جي ڪُشادي پڌر مان

پرين جي پکين کي اُڏاري نہ ڇڏجو

ڏئي پيار دل مان ڏکاري نہ ڇڏجو

اسان کي او سهڻا وساري نہ ڇڏجو."

"منهنجو پيار تو کي ماريندو ڇا؟"

"نہ، اهو تہ هاڻي حياتي ٿي ويو ا."

"خدا تو کي سلامت رکي."

"تون مڪمل ڇوڪري آهين يار، مٿان واري ٽيندڙ، دعائون ڪندڙ."

"ءِ تون مڪمل ڇوڪرو، ضدي، اڪڙ."

"بئي مڪمل آهيون تڏهن تہ هڪٻئي لاءِ خلقيل آهيون."

"هاڻي فون رکان."

"ڪير آيو اٿئي ڇا؟"

"نہ، پر مٿان اچي وڃبو."

"ڀلي."

"ٻڌ، پاڻ کي اڪيلو نہ ڀانئجانءِ، ربُ ڪو بہ غم ويجهو نہ آڻيندءِ، مان تہ روز تو لاءِ دعائون گهرندي آن، هاڻ تہ مان نماز بہ شروع ڪئي آهي."

"چڱو، هاڻي اجازت."

مون چاهيو ٿي ان کان اڳ جو تون فون رکين، مان رکان.

"هادي، موڪلائيندين ڪو نه."

تنهنجو آواز نه هو ڄڻ خوشين جو ڪو خزانو هو. مون مانُ ڪري مائوٿ پيس ڇُمي ڇڏيو هو، پريان تو به ائين ئي ڪيو هو.

محبتون فاصلن ۽ وقت جي درمياني وقفن ۾ وڌنديون رهيون، تو مون کي بقول تنهنجي دل جي گهراين سان گهريو هو ۽ مون پنهنجو هر جذبو ۽ ان ڪارڻ خلقيل هر رشتو، تو نالي ڪيو هو. مان تو سان ملڻ نه اچي سگهندو هئس. بس ڪڏهن ڪڏهن فون تي پيو ڳالهائيندو هئس، ۽ انهن لمحن ۾، انهن جداين جي پلن ۾ مون کي لڳندو هو تون مون کان ڇڄي وينديءَ، الڳ ٿي وينديءَ ۽ تو کي منهنجي ان خوف تان ڪل ايندي هئي.

"چريو آهين ڇا؟"

تو ڪليو هو، الاهي خوبصورت. اهي ئي لمحا هئا شايد، جن ۾ مون تو کي فون تي ڳالهائيندي پنهنجي اندر جي ان خوف کان آگاهه ڪيو هو.

"نه، آهيان نه، جي تو ڇڏيو ته ٿي ويندس."

منهنجو لهجو نه هيو ڄڻ ٻَنَ ڇٽي رهيا هئا، ۽ منهنجو وجود خالي ڏارن ۾ تبديل ٿي رهيو هو.

"هادي، سُڌرندين ڪو نه. اجان نه تو ڇڏين اهي ڳالهيون."

مان چپ هئم الاء ڪيترا لمحا چُپُ هئي.
”وري ڪنهن ڪجهه چيو تني چا؟“ تو ئي ڳالهايو.
”پرينهن ادا بلاوجهه ذليل ڪيو، سيني سامهون ڏاڍا دڙڪا ڏنائين. اهو ته امان چيس ته ڏاڙهيءَ سان اچي تيو آ هادي، ائين نهيو تو سيني سامهون هن کي ذليل ڪرڻ، تڏهن بس ڪيائين.“
تون بلڪل چپ هئينءَ، مون چڻ تو وٽ فرياد داخل ڪيو هو ۽ هن مهل شُنوائي هجيم.
”چاٿان تي مان، تنهنجي گهر جو ماحول تو لاءِ سازگار ناهي.“
”ڏس نه مون الاهي ڪوشش ڪئي آ، تو چيو ته مون هنن سان گڏجڻ جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو آ، سيني جي ڳالهه مڃي آ، هنن جي هر ڪا زيادتي برداشت ڪري ويو هوندم، ٻڌاءِ ان ڪان وڌيڪ چا ڪيان؟“
”چا تو ڪري سگهين پيو؟“
”چا چوانءِ، منهنجو شايد مقدر ئي اهڙو آ، ڪڏهن به ته ڪو پيار ڏيندڙ نه مليو آ، بس هڪ پاڙي ۾ ماسي رهندي هئي ان ئي پاتئيو، ۽ تو کي خبر آ فوزي، مان هن دنيا جو نالائق ترين ماڻهو هوندي به هر جمعي تي ڪوشش ڪري هن جي قبر تي ضرور ويندو آن. تون ئي ٻڌاءِ جيڪو چاهڻ وارو مليو سو به ڇڏي ويو ڪو ٽڪيو ئي ڪو نه.... بس ان ڪري سوچان تو هاڻي تو آهين سرمايءِ حيات. متان تون به ڇڏي وڃين.“
”مان چا چوانءِ، تو کي مون تي الاءِ چو نه تو اعتبار اچي.“
”ڏس فوزيه، سڀ پيڙيون ساڙي ڇڏيون اٿم، ڪجهه نه بچيو آ. هاڻي ته ڪا به شئي پنهنجي لاءِ نه رکي اٿم، خبر تني... مان جي ڪنهن دڪان تي پين وٺڻ ويندو آن ۽ دڪان وارو انَ ۾ مسُ وجهي، خالي پنو اڳيان ڪري، نب چيڪ ڪرڻ لاءِ چوندو آ نه، ته مان هميشه تنهنجو ئي

نالو لکندر آن..... منهنجي هر ڪاپيءَ تي پهرئين پيج تي تنهنجو نالو هوندو آ، الاءِ ڏينهن ۾ ڪيترا پيرا مان تنهنجو نالو لکي، ڊاهي ڇڏيندو آن."

"تون ڇا ٿو سمجهين اهو سڀ ٿو وٽ ئي آ."

"مون ائين تہ ڪو نہ چيو." مون مرڪيو.

"هادي مان آريز(Aries) آن، منهنجي ڪمري ۾ ورگو (Virgo) جو Birth- Sign لڳل آ، سڀ پڇندا آهن اهو ڇو لڳل آ، مان ڇا چوان تہ ڇو آ."

"منهنجي Birth- Sign جو تو وٽ ڪهڙو ڪم؟" مان آهستي آهستي شوخ ٿيندو ٿي ويم.

"تنهنجو پوءِ منهنجن خيالن ۾ ڪهڙو ڪم؟"

"ڇو اتي بہ مان ئي هوندو آن ڇا؟"

"نہ ڪو ٻيو هوندو آ." تون چڙي وئي هئينءَ.

"ڪير آ اهو ڪمينو؟، اڌ آ يا مڪمل؟"

"مڪمل ئي آ"

"پوءِ تہ وڏو....."

تو منهنجو جملو ڪٽيو هو

"منهنجي Birthday تي ايندين؟"

"نہ"

"ان کان هڪ ڏينهن اڳ ، جنهن تي مون لاءِ سال ختم ٿيندو."

"نہ"

"ڇو؟"

"مان اڳ بہ تنهنجي گهر گهڻو نہ آيم، هاڻي آئي اجان مهينو کن

مَسَ ٿيو آ، ائين ڪيئن اچان."

"مان ان ڏينهن تو کي ڏسڻ ٿي گهران، سالُ تہ تو کي ڏسي ختم ڪيان نہ." تنهنجو لهجو نہ هو الاءِ ڇا هو.

"پوءِ مان هيئن ٿو ڪيان، تنهنجي گهر جي گهٽيءَ مان لنگهندم، تون وقتُ ڏي، ان مهل گئلريءَ ۾ اچجانءِ هڪٻئي کي ڏسي وٺون تہ پوءِ مان موٽي ايندم."

"ڪيڏي مهلَ ايندين؟"

"جيڏي مهلَ چوين"

"صبح جو سوا ڏهه"

"ٺيڪ ، تون هيئن ڪجانءِ، تہ وٽ هُو ميرون ڪلر جو جوڙو آ نہ."

"ڪهڙو؟"

"اهو ٿي جنهن ۾ تو مون سان پهريون ڀيرو ها ڪئي ٿي."

"ها"

"سو پائجانءِ، هلڪو ميڪ اپ هجني ۽ ها وار ضرور کليل رکجانءِ."

"هي تون مون کي تيار ٿو ڪرين يا مانيءَ جو مينُو ٿو ٻڌائين."

"ڪل نہ، مذاق نہ اڏاءِ منهنجو..... ڪو تہ روپ هجي مون لاءِ جنهن تي مون کي پورو حق هجي."

"چڱو سرڪار حاضر، ۽ توهان مهرباني ڪري اڇي سلوار قميص پائيندا."

"ڇو؟"

"ان ۾ سٺو لڳندو آهين." تون ڄڻ شرمائجي وئي هجين.

"سلامت رهين."

"اها دعا نہ ڪندو ڪر، پنهنجي لاءِ رکي ڇڏ."

"تون سلامت هوندينءَ تہ مان هوندم نہ."

اُن ڏينهن تي تو وٽ اچڻ لاءِ تيار ٿيم پئي تہ خبر پئي، ادا ڇٽي ويو هو هاديءَ کي ڇٽجو ڪاڏي وڃين نہ، گهر ضرور هجي. امان نياپو پهچائي مطمئن ٿي وئي ۽ الاءِ ڪيتري دير سوچي مان تو ڏي هليو آيم. سوچيم ادا جا جيڪي مهمان ايندا سي منجهند جو مانيءَ تي ئي ايندا، سوا ڏهين تو سان ملان، ٻارهين بجي تائين گهر پهچي ويندم، هن کي محسوس بہ ڪو نہ ٿيندو ۽ مهمانن جو آڌر ڀاءُ بہ ڪري وٺندم.

تو ڏي آيم تہ ٺيڪ سوا ڏهين تو گئلريءَ ۾ مُنهن ڪڍيو، مون هيٺ درزيءَ جي دڪان تي ويٺي تو ڏي نظر ڪئي، تُون ان مهل الاءِ ڇا هئينءَ، ان جوڙي ۾ ان سان گڏ منچنگ ميڪ اپ ۾ تون ڇا نہ هئينءَ، الاءِ ڪيترو عرصو گذريو تون اتي ئي ويٺي رهينءَ. مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ چئني پاسن تي دڪانن ۾ جڻ اکيون ئي اکيون هجن، تون اتي ئي ويٺل هئينءَ تہ مان اتان نڪري آيم. نڙي الاءِ ڇو ڀرجي آئي هئي. اکين ۾ جڻ تون اٽڪي پئي هئينءَ. مان ڪيڏو نہ مجبور هئس پر اها راهہ بہ تہ مون پاڻ ڳولي هئي.

گهر موٽيس تہ ادا باهہ ٿيو پيو هو، ڪيس سندس بيعزتيءَ جو احساس هو.

”ڇنٽي ويو هئم. توهان کي نواب صاحب ته گهر هُجڃو... ويا
ڪاڏي هئو؟“

”ڪم سان ويو هئم.“

”ڪهڙا ڪم رُلي مٿاڻو؟“

”هئو ڪو.“

”بس هئو ڪو“ هو ڳجيو“ خبر هئي مون کي تنهنجن افعالن
جي، تڏهن ته مان پاڻ هلي آيم، منهنجي مهمانن کي رِسيو ڪندي تو کي
هونئن ئي پرو چڙهندو آ.“

مان ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيم، هو هليو ويو ته امان آئي، مان
انهن ئي بيٺو رهيم، ”ڪيڏانهن ويو هئين، صبح نياپو ته ڏنو هئوماڻ.“
هن منهنجي منهن ۾ نهاريو

”ويو هوندو رول تي.“

اديء رڏٽي مان ڳالهايو، مان چپ رهيم.

”هادي چو تو ڪندا ڪڙا ڪرين پنهنجي راهه ۾. اجان هنن جي
ڪُلهن تي آهين، ڪهڙو ڪمائين ٿو، هو تو کي پڙهائين ڳڙهائين ٿا. هنن
جو حق آهي تو تي.“

”مون ان کان انڪار ته ڪو نه ڪيو آ. مان ته هميشه ماني ڪارڻ
مهل حاضر هوندو آن، اڄ نه هئم، سو به مهان اجان آيا ته ڪونهن. ايندا
ته مان موجود آن.“

” هاڻي تنهنجي موجودگي ڪهڙي ڪمَ جي، هاڻي ادا پاڻ آيو آ.
تون وڃ، وڃين پنهنجي اڏُ رول پورو ڪري آءُ.“

اديء هڪ ٻيو تيرُ هنيو مان ڇڻ پڙڪي اٿيم.

”مان تنهنجو ته نه ٿو ڪاوان، تون ڇو ٿي ايترو ڳالهائين.“

"شرم ڪر مون تي دوڙا نہ ڦوڪار، ڪم نہ ڪرڻو ٿئي تہ ادا کي سڏو سنئون چو نہ ٿو چئين."

مون کي خبر ڪو نہ هئي، ادا ڪو چپ چپات ۾ منهنجي پريان اچي بيٺو هو ۽ اديءَ ڇاٽي واٽي اهو سڀ ڳالهايو هو. هو مون ڏي نهاريندو رهيو، سمجهيم چماٽ هڻي ڪڍندو، پر بس ڪري هليو ويو، اديءَ رڌڻي جي دريءَ مان مون ڏي نهاري ٽوڪ طور مرڪيو، امان ٿڌو ساهہ کنيو.

"ڏاڙهيءَ سان اچين ٿيو آهين، الاءِ ڪڏهن سُڌرندين"

مان چپ ڪري هليو ويم، منجهند جو ماني کارائي واندو ٿي مون گهر کان ٻاهر جو رخ رکيو. ۽ ٽتل ڏينهن ۾ هڪ باغ جي ڪنڊ ۾ ويهي مون خوب رنو." هي سڀ چاهي جيڪو مان پوڳيان پيو، ۽ ڇا ان سڀني شين جي مان لائق آن ۽ ڇا اڄ ايڏو ڪو ڏوهہ ٿيو هو جو هُر ائين چون ها." ۽ ائين ئي رئندي مون کي ياد آيو، اڄ تنهنجي ارڙهين سال جو آخري ڏينهن آ، ان کي مان ائين چو ملهايان، مون ڳوڙها اگهي ڇڏيا، کيسي ۾ ڏنم ٻارنهن روپيا پيل هئا، چپن تي مرڪ تري آيم

"ڪم تي ويو."

اهو باقي وقت مون ڪُليَل آسمان هيٺ تو سان الاهي ڪچهري ڪئي، شام جو هڪ فروٽ ڪيڪ ورني ان جا ٽُڪرَ ڪري، مون باغ ۾ آيل تقريبن هر ٻار کي ڪيڪ کارايو.

ان رات مان گهر الاهي دير سان آيم، ڏهَہ ٿي ويا هئا، گهر ٻاهر آيم تہ در کليل هو، سوچيم ربُ خير ڪري، وري الاءِ ادي ڪو نشون ٻارڻ ٻاربندي الاءِ ڇا. گهر اندر پهچي مان دالان ۾ ئي ليٽي پيم، اندر چؤڪول مٿل هو، الاءِ ڪهڙا مهمان آيل هئا. حق تي در کليل مليو هو.

مان اتي ئي چپ چاپ پنجي رهيس. انهدران اديءَ جي ڪِلڻَ ۽ ادا جي ٺهڪن جا آواز پئي آيا.

الاءِ ڪيترو وقت گذريو ۽ ان مهل مون ٻڌو

"هادي اڃان ڪو نه آيو ؟"

اهو ماسيءَ جو آواز هو، مان چرڪجي پيم، هيءَ هتي ڪيئن؟ ۽ متان تون به آئي هجين. پر صبح تہ مون تو کي ڏٺو هو، تون ڪيئن هونديءَ هتي.

۽ اتي ئي مون تنهنجو آواز ٻڌو "ايندو سچڻ سائين الا منهنجو ايندو ڍولڻ سائين"

تو سڀئون پئي جهونگاريون ۽ ان مهل اديءَ چيو

"ڍولڻ سائين اچي نه اچي، تون پتو تہ اچل، تنهنجي واري آ."

"ايندو چو نه، پر چال ڇا جي آ؟" تو ڪليو پئي.

"جيستائين اچي، تيستائين تہ رنگُ اچل."

اديءَ به ٺهڪ ڏنو ۽ ٻاهر الاءِ ڇو مان وري ونڊجڻ لڳم

"ڀاڻ ڪي سنيال هادي، ڇا تو تيئي؟..... هوءَ اندر اديءَ سان ڇو ٿي کِلي..... ڇو نه کِلي؟..... پر مان جو اداس آن.... تہ ان جي هُن کي ڪهڙي خبر؟....... تون هن جي خوشين کان سڙين ٿو ڇا... نہ تہ .... هونئن اهو وسار نہ تہ انهن ڇهن ئي تو کي مُرڪڻ سيکاريو آ........"

۽ مان ڪيئن ڇڻ اندر ڏُڪيندو آيم.

"اجهو آيو آئُوَ."

ادا ماسيءَ جو ڏيان مون ڏي ڪيو، مان سندس پيرن ڏي جُهڪيس

"ڪٿي آهين تون..... يڪو ڳم."

"اهو نہ پڇوس، چوندو ڪم سان ويو هئس ۽ جي پُڇَندَئوس نہ، تہ ڪم ڪهڙو هو تہ هڪدم چوندو هئو ڪو."

ادا جي جملن سان چئن ئي طرفن ٺهڪن جون صدائون بلند ٿي ويون، ۽ انهن لمحن ۾ ئي مون نهاريو، تہ مون ڏي ڏٺو پئي. انهن نظرن ۾ الاءِ ڇا هو، الاءِ رحم، الاءِ محبت. مان چپ چاپ اتان اٿي ڪمري ڏي هليو ويم.

ان رات اوهان سڀ ڪچهريءَ ۾ لڳا پيا هُئا. مون ماني گرم ڪري، باهر ميز تي رکي ۽ اجان پاٽيءَ جي بوتل فرج مان ڪنيم پئي تہ گهڙيال ٻارنهن جا ڌڪ هنيا. منهنجون نظرون تو ڪي ڳولڻ لڳيون، تون اندر ادا سان ڳلهہ ويني هئينءَ. تنهنجي جَمَر جو ڏينهن شروع ٿي چڪو هو ۽ مون کي مبارڪ ڏيڻي هئي نہ، پر تون تہ اندر هئينءَ. مان ماٺ ڪري ڳرَهَہ ڪٽڻ لڳس، تڙي جڻ ڪهٽيل هئي، ان وقت اندران تنهنجو آواز آيو.

"اڄ شهلا، پاٽي ۾ اچون."

تو شايد اديءَ کي سان ڪٽڻ تي ڳهريو، ڪجهہ لمحا رکي تون ۽ ادي، فرج ڏي هليا آيئو. ويجهو ئي مان ڊائننگ ٽيبل تي وينو هئم.

"ماني پئي کاڌي رجين، ليٽ ڊنر."

تو تڙڪ طور مرڪيو، مون ڪجهہ نہ ڪڇيو، ڪنڌ هاڪار ۾ لوڏي ڇڏيم.

"توهان ڪڏهن وقت تي ڪو کاڌو، کاڌو بہ آهي؟"

تو ٻيو جملو اڇليو، لڳم سخت ناراض آهين.

"نہ چئينس، اڄ ادا اڳ ئي ڪيس الاهي ڌڙڪا ڏني چڪو آ."

اديءَ کي الاءِ ڇو مون تي قياس پئي آيو، شايد تو سامهون

مهربان ٿي هئي.

"منجهند جو ماني ڪارڻ مهل نہ هوندو تہ ادا ڪيئن نہ ڪاوڙبو."

تہ ٺور سان مون ڏي نهاريو، چڻ چوندي هجين "اڃان نہ سڌريو آهين."

مون مانيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيو ۽ ان مهل ٿي دالان ۾ ليٽيل ماسي رحيمان الاءِ ڪيئن ٻڙ ٻڙ ڪئي.

"ابو مانيءَ تي هئو امڙ، بس صبح جو ڪنهن ڪم سان نڪري ويو هو، انئين ڏاري... پوءِ سادي پارنهين موٽي آيو هو."

اها مڪ نوڪرياڻي هئي جيڪا ڪيڏي مهل کو جملو منهنجي لاءِ چئي ويندي هئي، مان آيم تہ ليٽيل هئي ۽ مون ڪيس نہ اٿاري، پاڻ ماني گرم ڪئي هئي، شايد ان تي راضي هئي. تہ حيرانيءَ سان مون ڏي نهاريو هو، مان مان ڪري اٿي اندر هليو آيم. اندر ڪمري ۾ اوندهہ هئي، مون بيڊ تي ليٽي اکيون بوٽي ڇڏيون، اکين جو ڪنڊين گرم پاڻيءَ ۾ پچڻ لڳيون ۽ ان مهل تہ مون کي ٻانهن کان جهلي لوڏيو

"پاڻي هاڻي."

اوندهہ ۾ تون پاڻيءَ جو گلاس کنيو بيٺي هئينءَ، مون خاموشيءَ سان تو ڏي نهاريو "تون مون سان جڏهن بہ رات گڏ هجين، ڪٿي بہ هجين، مان تو لاءِ پاڻي ضرور کڻي ايندي آن، هتي وسري ويئي ڇا؟"

مون گلاس جهلي تو ڏي نهاريو.

"سڀ ٻُڌا پيا آهن، تہ وڃ هلي." مون سُربات ڪيو.

"نہ ويندم مان."

تہ منهنجي ٻانهن جهلي، مون ڪنڌ ڦيري ڇڏيو.

"ڪير ڏسي نہ وٺي"
منهنجي ٽڙي گھنيل هئي.
"پلي ڏِسي"
تنهنجي لهجي ۾ ضد هو، منهنجو ڪنڌ اڃان بہ ڦريل هو، تو هٿ وڌائي منهنجو ڳِل ڇهيو، اهو آلو هو.

"هادي منهنجي جان "تو منهنجو منهن ڄڪڙي ورتو" روئين پيو..........."

"نہ تہ" مون ڳيت ڏني.

"يار آهين صفا.... ائين ڪبو آ، مرد آهين، روئين ٿو." تو مون کي ڪُلهن کان جهلي ورتو.

"منهنجي ڪنهن جملي ڏک ڏنئي ڇا؟"

"نہ" مون نهڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو، تون منهنجي پلنگ تي منهنجي پرسان ويهي رهئينءَ.

"منهنجي دل چيو تون اهو پهريون ماڻهو هجين جيڪو مون کي رات جو مبارڪَ ڏئي. پر تو کان پهرين ادا اهو ڪيو تہ مان چڙي پيس."

"مان ڪيئن مبارڪ ڏيانءِ ها ادا جي موجودگيءَ ۾."

"۽ مون کي اها بہ خبر نہ هئي تہ تو ڪو خواهمخواهہ ڳالهوَ ڪاڏا آهن."

"اها تہ روز جي خوراڪ آ."

تو مون ڏي غور سان ڏٺو.

"مان خبر ٿئي چو آئي آن. هڪ تون صبح جو جلدي، بس بہ لمحا بيهي هليو آئين نہ. تہ سِڪَ پوري نہ ٿي، وري مان تو سان جنم ڏينهن گڏ گذارڻ ٿي چاهيان."

"مان هاڻي مبارڪ ڏيان."

"ڏي"

مون تو کي ٻانهن ۾ جڪڙي ورتو، تنهنجي پيشانيءَ کي چيم، تون منهنجي ٻانهن تي آهلجي پئينءَ.

"تو ماني به پوري نه کاڌي نه."

"نه" مون تنهنجين اکين ۾ نهاريو" تو ڪانڌ ئي نه ڏني."

"مان آئيندي ائين نه ڪندم، هتي اچڻ سان تنهنجن گهر وارا تنهنجي افعالن جون لسٽون ڪنيون نه ته مان به چڙي پيم."

"تون ناراض نه ٿيندي ڪر، ٻيو آهي ڪير جيڪو منهنجو خيال رکي، مان هت هر هر ٻيو اهو سوچيندو آن، ته ڪڏهن تو کي به ڪنهن ٻئي جي ڳالهه تي اعتبار نه اچي وڃي ۽ مان تو کان ڀري نه ٿي وڃان."

تو منهنجي ٻانهن کي ٽيڪ ڏني، منهنجي نُونٽ تي پنهنجا وار پکيڙي ڇڏيا. مون هڪ هَٿَ سان تنهنجن وارن کي مُنِ ۾ ڀري ورتو.

"مون کي تون کپين ٿو."

تو مرڪيو، مون تنهنجي وارن کي ٽورو مٺي ڪري، مُنهنُ انهن ۾ لڪائي ڇڏيو.

" ۽ مون کي هي سڀ آسائشون، جيڪي صرف تو وٽ مون لاءِ آهن."

"۽ مان سڄي ساري ته تنهنجي آن."

"مون کي خبر ناهي ڇا، بس هي گهر وارا الاءِ ڇو مون کي نه ٿا ليڪِين، نه ته مان ته هاڻي....." تو منهنجو جملو ڪٽي ڇڏيو.

"ڄاڻان ٿي، مان سڀ ڄاڻان ٿي."

۽ پوءِ تو ۽ مون سڄي رات هڪٻئي کي ائين هڪ ٻئي جي ٻانهن

۾ ويھي ٽڪيو ھو نہ. الاءِ ڇو، ان رات تہ ڪنھنجو ڪو بہ ڊپ نہ ھو، الاءِ ڇو.

پوءِ الاءِ ڪيترين راتيون آيون، منھنجي زندگيءَ ۾ تنھنجي ساٿ سان ڀرپور، تنھنجي خوشبو ھوندي ھئي ۽ منھنجو وجود ڄڻ نڪ جون ٻہ ناسون، خوشبو واسڻ لاءِ آتو. مون ڇا نہ ڪيو تو لاءِ، وس پڄيم ھا تہ شايد ساھہ بہ تو تي واري ڪيان ھا. پوءِ خبر پيم، مان سيني جي سامھون ڀڙرو ٿي پيو ھئم، ماسيءَ کي مون بابت خبر پئي ھئي، مون توھان جي گھر اچڻ ڇڏي ڏنو، ھاڻي تہ فون بہ گھٽ ڪندو ھئس.

ھڪ ڏينھن خبر پئي، ماسيءَ فون ڪري مون کي گھرايو ھو، امان چيم ضرور وڃان. توھان وٽ آيم تہ ھن تو کي شايد ڪيڏانھن موڪلي ڇڏيو ھو.

”ويھہ“ ماسيءَ غور سان مون ڏي نھاريو.

”مون ڪجھہ ٻڌو آ، سو صحيح آ؟“ ھن جون نظرون نہ ڄڻ ايڪسريز ھئا.

”ڇا جي باري ۾؟“

”توھان جي باري ۾“ ھن ٽوڪ نہ ڪئي ھئي، سنجيده ھئي.

”جي“ مون ڳيت ڏئي ڪنڌ ھيٺ ڪري ڇڏيو.

”ڏس ھادي، مان ظالم ماءُ ناھيان، اولاد مون کي جند جان کان وڌ پيارو آ. مون کي آھي بہ ڪير عزيز، فوزي ماشاءَ الله ھاڻي جوان آ، ان کان پوءِ نازي آ، تنھن لاءِ کھڙي ٽڪڙ. اھا اڃان ٻار آ.... تون ٻڌين پيو نہ منھنجي ڳالھہ؟“

”جي..... جي جي.“ مان ھڪدم ڳڙٻڙائجي ويم.

”ڏيان سان ٻڌ“ ھوءَ مرڪي ”پاڻ کي ڪنھن لائق ڪر، ھن دنيا

۾ ڪنهن به گڻ اوگڻ کي انسان نه ڏسندو آ، سواءِ پئسي جي. پاڻ وٽ پنهنجو ڪجهه ذاتي پئسو ڪر، ڪجهه ملڪيت هٿ ڪر. ڪجهه ٿيءُ پوءِ مون کي ڪو اعتراض ڪونهي. ڪجهه ٿيءُ ته فوزيءَ جو هٿُ به ڏيانءِ نه."

هن وڏيڪ الاءِ ڇا ڇا پئي چيو، مون کي ته ڄڻ ڪجهه ٻڌڻ ۾ ئي نه پئي آيو. هي ته ڪو بهار جي موسم جي وچ هو، خوشبوئن جو ساٿ هو ۽ لمحن جي سُرڪون هيون.

"ڏس آخر آهيان نه خوبصورت. نه هجان ها ته ڪو تنهنجي ماءُ قبول ڪري ها ڇا؟... هونئن تون ئي ٻڌاءِ آهيان نه ڪنڪلو، جي اها خوبصورتي به نه هجيم ته شايد ڪو اڪ ڪٺي ڏسي." مون مرڪيو، تو کي ان مهل الاهي چيڙايم پئي.

"ڪير اڪِ ڪٺي به ڇو؟"

"ها، تون جو ويٺي آهين پٺن لاءِ."

"بيو نه ته" تو مرڪيو، هن مهل شرمايني پئي.

"هٿي فوزي، ڪيڏو نه خوبصورت لڳندو... تون مان گڏ جهاز جا ڏاڪا لهنداسين، ايئر هوسٽس پاڻ کي خدا حافظ چوندي ۽ مان هن کي ڇڏي تو کي تڪيندم پيو....."

"سڪڻ جيان" تو جملو ڪٺي شرارت سان مرڪيو.

"اُونهون، ڳالهه جو ڪارو منهن نه ڪر، .... ها، ته پوءِ هڪڙو بار تو کي چولي ڪان جهليندو، هڪڙو آنگر جهليندو ۽ هڪڙو ڪَڇَ ۾

ويهي، ڳچيءَ ۾ پيل هار سان کيڏندو ۽ مان تو کان تڪڙو ڏاڪا هيٺ لهي ويندم ۽ تون......"

"مان ڏکُ هٿي ڪيندياسين، ڪمينا." تون سڄي ڳاڙهي ٿي وئي هئينءَ.

"بس ايتري ۾........... اڃان ته جيڪي ٿي عدد تون گهر ڇڏي اينديءَ انهن جو ته ڪو ذڪر ئي ڪو نه ٿيو آ....."

تو هڪدم منهنجي وات تي هٿ رکيو، مون تنهنجو هٿ چمي ڇڏيو

"تون ڪميني هجڻ سان گڏ واهيات به آهين."

تون صفا عجيب ٿي وئي هئينءَ. شايد مستقبل جا سپنا اکين ۾ لهي آيا هُيئي.

"سائنڻ، اڄ کان اوهان منهنجي حڪم تي هلندؤ. جيئن مان چوندم تيئن ڪندؤ، ڪو به انڪار نه ٿيندو، ڪا به نه، نه ٻڌان."

"حاضر" تو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

مان الاءِ ڇو ڳالهائيندي چپ ٿي ويو هئس، تو مون ڏي نهاريو پئي.

"عيد تي ايندين؟"

"خبر به ٿئي نه ڪندم پوءِ به پڇين ٿي."

"ڇگو فون تي ڳالهائي ونجانءِ."

"ڪوشش ڪندم... ٻڌ، تون چوڙيون پائيندي آهين عيد تي."

"نه"

"ڇو نه؟"

"الاءِ ڪڏهن سوچ نه ڪئي ٿم ان باري ۾." تو مون ڏي غور

سان نهاريو ٿي، الاءِ ڇا ٿي نهاريئي، مون ۾. مون ٻئون ڪوليو ان مان پنجاهه روپيا ڪڍي تو ڏي وڌايم.

"ڇا هي؟" تو سواليه نگاهن سان ڏٺو.

"سرڪار، هن عيد رات تي تون ميندي به هڻنديءَ، چوڙيون به پائينديءَ..... اها تنهنجي منهنجي ساٿ جي پهرين عيد رات آ نه، جيستائين مان ساڻ هوندس تون هر عيد رات ائين ڪجانءِ."

"ڇگو؟" تو پئسا ورتا.

"تنهنجي ڪمري ۾ ڪنڌ وارو پلنگ آ نه، ان تي ويهي چوڙيون وغيره پائجانءِ، ۽ چَندَ رات جو ائين ڪان نائين بجي تائين ڊائننگ ٽيبل تي ضرور ويهجانءِ، مان اتي توکي محسوس ڪندس، تصور ۾ ئي توکي چوڙين ۾ پريل ڏسندس، توکي ائين ئي پيار ڪري ڇڏيندس."

"۽ مان هوائن مان پنهنجو حصو ضرور وٺندس."

تو مرڪيو هو ۽ مون تنهنجي هٿ کي هلڪو چهيو هو.

"هي هٿ، مينديءَ ۾ ڪيڏو نه خوبصورت لڳندو."

تو منهنجي هٿ کي جڪڙي ڇڏيو هو.

"ڪيڏو به لڳي، هوندو ته تنهنجو نه، تنهنجن هٿن ۾ جو هوندو."

پوءِ، ڪيتريون نه عيدون گڏ گذريون، تنهنجيون منهنجيون ڪيتريون نه رفاقتون هليون. مان وقت سان وڙهندو رهيس، توسان ساٿ ڏيندو، تنهنجين چاهتن کي ساڻ کڻندو، مان پوءِ هر فاصلو لتاڙي آيس.

اڳ واري زندگيءَ جو پاڇو بہ مون ۾ ڪونہ رهيو، پوءِ آهستي آهستي وقت آيو تہ مان بہ هن گهر جو گهڻ حيثيت وارو ني سڀني ۾ فرد ٿي ويم. سيٺي منهنجي سٽرڻ تي حيران هئا، پوءِ ادا بہ پنهنجو بزنس مون کي سيڪارڻ شروع ڪيو. هاڻي مان بہ اڇي جوان ٿيو هئس، هڪ مڪمل مرد. ادا جي نفرت ختم ڪا نہ ٿي هئي، ڪجهہ جهڪي ٿي هئي. شايد هاڻي هن کي بہ ڪنهن پنهنجي جي ضرورت هئي.

مون ڏاڍو چاهيو هو پر پوءِ بہ پنهنجي ڪاوڙ ۾ خاموشي ختم ڪري نہ سگهيو هئس. بس اهي تنهائيون ني تہ هيون جن ساٿ نہ پئي ڇڏيو.

تون اسان جي گهر آيل هئينءَ، هتي اچڻ ساڻ ني توکي بخار ٿي پيو هو، مان گهر نہ هئس، پوپان امان وارن توکي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريو هو. مان آيس تہ خبر پئي سِتو تو وٽ آيس، تون سيني تائين چادر وجهي ليٽي پئي هئينءَ.

"ڪيئن آ طبيعت؟" مون رسمن پڇيو، پريان ادي جو ويٺي هئي.

"ٺيڪ آ." تو هلڪو مرڪيو، مون تنهنجي ڪَرائي ڇُهي.

"هي بخار لهڻ گهرجي."

منهنجو لهجو نہ هو الاءِ ڇا هو، مون کي پاڻ خبر ڪانہ هئي، ان ۾ ايترو پيار ڪٿان اچي ويو هو.

"لهي ويندو." تو دل سان ڪِليو هو.

مان نڪري آيس ۽ شام جو ننڊ ڪري ڪمري مان ٻاهر نڪتس تہ تون سامهون لان ۾ ويٺي هئينءَ، بلڪل فريش، ڄڻ ڪا شيءَ ني ڪو نہ ٿي هُيئي.

"ڪيئن آهين هاڻي؟" ان مهل اتي ڪوبہ نہ هو.

"تنهنجي آواز جيان ڳري."
"منجهند جو هلڪي تي وني هئينءَ ڇا؟"
"ها الاهي تيز بخار هو."
"پوءِ لٿو ڪيئن؟"
"بس لهي ويو." جڻ چوندي هجين، تو جو چيو هو تہ ڪيئن نہ لهي ها. هونئن اها هوندي بہ حقيقت هئي، مان بيمار هوندو هئس، تون رڳو فون تي ايترو چوندي هئينءَ، "اها بيماري لهڻ گهرجي." تہ بس همراهہ منٽن ۾ تيار. اسان تہ ڄڻ هڪٻئي کي ڪهڙي بہ بيماريءَ مان نيڪ ڪرڻ لاءِآخري علاج هوندا هئاسين.

"تو سان گڏ رفاقتون بہ خواب مثل هونديون آهن."
"هونهن." تو مون ڏي تڪيو، ان سهل ڊرائنگ روم ۾ اڪيلا هئاسين، هاٿي هاٿي ادي ڪنهن ڪم سان ٻاهر هلي وئي هئي ۽ مون کي توسان ڳالهائڻ جا ڪجهہ لمحا مليا هئا.
"پيو نہ تہ وري، اندر الاءِ ڇو هڪ هڪ لمحي لاءِ پيو سڪندو آ."
"تون وجوديت جي ڪيتري قائل آهين."
"معنيٰ تہ."
"انسان کي ڪيتري حَد تائين چاهي سگهندي آهين؟"
"اهو پاڻ کان پڇ."
تو مرڪيو ان مرڪ ۾ شرم جو مڪسچر بہ شامل هو.
"هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟" مان الاءِ ڇو سنجيده هئس.
"پڇ."
"مان جي فزيڪلي فٽ نہ هجان، ڪا بہ بيماري هجيم، ڪيترو بہ

اُونهين تہ بہ تون مون ساڻ هلنديئَ؟"
تو مون ڏي غور سان ڏٺو هو.
"اهو تون ٿو پڇين؟"
"ها، مان ئي ٿو پڇان ۽ جواب ضرور ٿو چاهيان."
"تون بيماريءَ جي ڳالهہ ٿو ڪري، مون تہ توکي سيني اُوڳٹڻ سان ڪنيو هو نہ پوءِ اهڙا سوال ڇو ٿو ڪرين؟ تون ڪيئن بہ هجين ڪهڙي حال ۾ بہ هجين مون کي کپين ٿو."
تو ان مهل پنهنجن ڪنن ۾ پيل والين سان ويٺي کيڏيو. اهي واليون تنهنجو منهنجو هڪ معاهدو هيون، مان جيستائين بہ ساڻ هون م تيستائين توکي اهي واليون ضرور پهريل هونديون، مون تو ڏي غور سان تڪيو هو تو بہ ان مهل مون کي ئي پني ڏٺو، تنهنجيون اکيون ان مهل مون تي ئي اٽڪيل هيون.
ڪجهہ ئي ڏينهن ٿيا مون کي نڙيءَ ۾ ڇُڪو محسوس ٿيو هو، ڊاڪٽرن کان چيڪ ڪرايو هئم تہ خبر پئي هئي، ڪا وڏي گڙٻڙ آ. هتي علاج نہ ٿيندو، ٻاهر وڃڻو پوندو. هاڻي تہ ڪيڏي ڪيڏي مهل ٿُڪ ۾ هلڪو رَتُ بہ اچڻ لڳو هئم. مرض اڃان شروعاتي حدن هو. مون ڪنهن سان بہ ڳالهہ ڪونہ ڪئي هئي، بس دل ڇيو هو ۽ توکا پڇي ورتو هئم.
انهن ئي ڏينهن ۾ امان ۽ ماسيءَ وارن جو پنهنجن مائٽن ڏي هلڻ جو پروگرام ٿي ويو. سيني جو اهو حڪم ٿيو تہ هادي هنن ساڻ ويندو. مان هنن سيني سان گڏ روانو ٿيم. صبح جو سَوِيرَ واريءَ گاڏيءَ تي نڪتا هئاسين. تون گاڏيءَ ۾ چڙهي رهي هئينءَ تہ مون سُرٻات ڪيو هو،
"دريءَ کان ويهجان."
اديءَ برٿ وچي والاري هئي، امان وارا پنهنجي ڪچهريءَ ۾ لڳي

ويا. تون دريءَ کان ٿي وينئين، مان ٻاهرئين پاسي کان ڦري آيم. اما ن وارن کان لڪي، گاڏيءَ جي اوٽ ۾ بيهي مون توکي تڪيو. ان مهل پرهَ ڦٽي رهي هئي ۽ تنهنجو خوبصورت چهرو، ان بِلُو شيڊ ۾ الاءِ ڇا پئي لڳو.

"ڪيئن آهين تو جانِ مَن؟" مون شرارت سان مرڪي، جهيڻي آواز ۾ پڇيو.

تو اشاري سان چيو "نيڪ آهيان."

"ڳالهائين نه ٿي؟"

تو عجيب نموني سان مون ڏانهن تڪيو، ڄڻ ڪن ڪيفيتن جو شڪار هجين.

"ناراض آهين؟"

تو نادڪار ۾ ڪنڌ لوڏي اشاري سان چيو، "هليو وڃ"

مان وائڙو ٿي ويم،

"ڇو؟"

تو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو مون غور سان توڏي نهاريو.

"ڪنهن روڪيو اٿئي ڇا؟"

"امان منع ڪئي آ ته اُتي هلي هاديءَ سان گهڻو فري نه ٿجانءِ، چڱو ناهي."

تون هٿ سان دريءَ جي پڙڇ کي ڪوڙڻ لڳينءَ، منهنجي دل چيو توکي چوان مون ڪيترا نه خواب ڏٺا هئا رات پيٽ ۾ ته اُتي ڪيترا نه موقعا ملندا تو سان تنهائيءَ ۾ گڏجڻ جا. اُتي منهنجي هڪ ڇوڪري پيڻ ڪيل هئي، مان هن سان توکي ملائيندم. تون هن سان دوستي رکجانءِ ۽ بهاني بهاني سان هن سان گڏجي مون سان ملڻ اچجانءِ، پر ڪجهه به

تہ نہ ٿيو. مان اُنَ هنڌ تان هٽي ويس. چپ ڪري پنهنجي دڳي ۾ اچي وينس.

ان هيڏي ساري سفر ۾ مون ڪيڏي نہ عذاب ڪي ڀوڳيو. جيڏي مهل بہ ڪنهن شيءِ شڪل جي پڇڻ لاءِ اوهان جي دڳي ۾ آيس ٿي تنهنجو رُخ ڦري ٿي ويو. مان دَرَ ڪان اچان پيو تہ تون دريءَ ڪان ٻاهر پئي ڏسڻ لڳين. دريءَ ڪان اچان پيو تہ تون اندر پئي نهارين.

اتي پهچي، مان ڪيئن نہ پن-چڻ جو شڪار ٿي ويس. تون هُن سيني سان گڏ هوندي هُئينءَ، خوش، مطمئن، لمحن سان سرشار، ۽ مان هيڪلو، مٿئين ڪمري ۾ ليٽي رڪارڊ پليئر سان وينو ڪيڏندو هئس. هيٺ توهان جا گوڙ هوندا هئا ۽ مٿي منهنجيون خاموشيون. هتي سيئي مون ڪان الاهي ڊڄندا هئا تہ هن هاديءَ ڪي جُوجڪي ايندي آ تہ ڪنهن جو بہ لحاظ نہ ڪندو آ، هن ڪان پري رهو. انهن لمحن ۾ روبينہ، منهنجي پيڻ ٿي منهنجي ويجهو ايندي هئي.

"هوءَ ڏاڍي ڪلمک آ هادي ڀاءُ." هن اکيون ٽمڪايون، "توهانجي پسند واقعي گهٽ ڪانهي."

هوءَ مون وٽ مٿي آئي هئي، مان ائين ئي ليٽيو رهيس.

"هيٺ لهو نہ، هي يڪو مٿي وينا ڇا ٿا ڪريو، بس رڳو ماني کائڻ لاءِ هيٺ لهو ۽ بس. هت رڳو ماني کائڻ آيا آهيو ڇا؟"

هوءَ لاڏ سان منهنجي ٻانهن جهلي هيٺ هلڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳي. دل چيو، چوانس هوءَ هُجي هن گهر ۾، مون ڪان پري، تہ مان ڪيئن گذارو ڪري سگهندس. انڪري تہ هيٺ نہ ٿو اچان، پر هن ڪي ڇا چوان ها.

"تون هاڻي واندي ٿي آهين ڇا، رُبي؟"

"نہ واندي تہ مان الاهي دير کان هيمر، پر فوزيہ سان کيرمر وٺي کيڏيمر."

"منهنجي يادگيري نہ آئي هُيئي؟"

دل الاء چو تنهنجي ذڪر تي ڪجهہ وڌيڪ اٿل پُٿل ڪرڻ لڳي هئي.

"آئي هئي، سوچيمر هُوءَ بہ آ، اوهان کي بہ کيڏڻ لاءِ وٺي اچان، اوتهنئين بہ جوڙن پارٽنر ڪُٽل هو، پر هُوءَ ئي ڪونہ مجي، پوءِ مجبورن ظهير کي کيڏايو سين."

"چو نہ مجيائين؟" منهنجو آواز الاءِ ڪٿان پئي آيو.

"اوهان کان شرمائيندي هوندي." هن مُرڪيو.

منهنجو اندر جڻ ٻُرڻ لڳو. توکي ڪهڙي خبر ڇري پيڻ، هتي ڇا پيو ٿئي. ۽ ان مهل ئي هيٺان سڏ ٿيو، فلمر تي هلي وي سي آر تي، هاديءَ کي وٺي آءُ. منهنجي دل نہ پئي چيو پر مان ڪري روبينہ کي وٺي هيٺ لهي آيس.

چاچا مجيد، روبينہ جي پيءُ، شايد هاڻي ماني کائي هَٿ ڌوتا هئا. ٽوال سان اُگهندي، مون ڏي ڏسي عجيب نموني سان کليو.

"ڪٿي آهين ميان؟"

"اتي ئي هئس"

"الاءِ، جيڏي مهل پُڇُ، خبر پئي مٿي آ. گانا وينو ٻڌي، هيٺ هيڏو طوفان مچيل آ. سيئي ڪزنز گڏ ٿيا آهن.... تون مَٿي اڪيلو ٿو رهين، ڪجهہ عجيب نہ ٿو لڳئي؟"

"هن کي عجيب نہ لڳندو آ چاچا." اديءَ مون ڏي نهاري

مُرڪيو" تنهائي پسند، مڙئي گهٽو آ، هونئن به ماڻهن ۾ اچي منجهي پوندو آ."

"جانور آ ڇا جو تون ائين ٿي چئين؟" چاچا جي وات مان به ساخته نڪري ويو.

"الاءِ مان ڪيئن چوان."

ٿڪن جو هڪ طوفان اٿيو، مون کي مجبورن پنهنجو پاڻ تي ڪلٺو پيو، ان مهل نظر ڪجي وئي، پريان تون ڪمري ڏي وڃي رهي هئينءَ.

"Any_way هلو ته هلي Movi ڏسون."

رُبيءَ ڳالهه بدلائي ۽ سيني هاڪار ڪئي ۽ ڪمري اندر گهڙيا.

اندر چاچا مجيد مون کي پاڻ سان گڏ صَوفي تي ويهاريو، اتي چار صوفا گڏيا رکيا هئا. چاچا ۽ مان وڏي صوفي تي ويهي رهياسين، اندر اونداهي هئي، مون کي اجرڪ ويڙهيل هئي، مان صوفي تي مٿي ٿي وينس. اونده ۾ نظرون واقف ٿيون ته خبر پئي، بلڪل پرسان، تون مون واري صوفي ۽ پرواري صوفي جي هَٿين کي ٽيڪ ڏئي، هيٺ گلم تي ويٺي هئينءَ. مون اجرڪ چڱي طرح پڪيڙي، هڪڙو گوڏو تنهنجي مٿي جي ويجهو آندو ۽ اجرڪ ٻانهن تي ويڙهي، ٻانهن ان اندر سرڪائي، هَٿ تنهنجن وارن تائين آندو. چئن ئي پاسي نهاريم، سڀ فلم ۾ محو هئا. مون تنهنجن وارن کي ڇهيو، تو ٽيڏي اک سان مون ڏي نهاريو ۽ ڇپن ئي ڇپن ۾ مرڪندي رهئينءَ. منهنجو هٿ تنهنجن وارن ۾ مُنجهي پيو. تو منهنجي گوڏي تي ٽيڪ ڏئي ڇڏي. سيني کي اهوئي پئي لڳو ته تنهنجي ٽيڪ هٿين جي پُٺ کي هئي. الاءِ ڪيئن پئي فلم هلي، الاءِ ڇا پئي ڊيڪاريائون، مون کي ڪا خبر ڪانه هئي. ايترا ڏينهن ٿيا هئا تو لاءِ ترسندي، مس مس ته ڪو پيار جو ڇهاءُ مليو هو. تون الاءِ ڪيتري دير

اٿين ويني رهين‌ٿا. مون لڳو ته تو به فلم نه پئي ڏٺي، ان ڇهاءُ کي محسوس پئي ڪيئي. پر هڪدم الاءِ ڇا ٿي ويو، تو پنهنجو ڪنڌ پري ڪري ورتو ۽ مون کان ٿورو پريرو ٿي ويٺين‌ٿا. ڪنهن کي به محسوس نه ٿيو، جي ڪنهن ڏٺو به هوندو ته اهوئي سمجهيو هونداٿين ته تو پاسو ورايو آ. اتي ڇا ٿي ويو هو اُن جي ته صرف مون کي ئي خبر هئي نه. مون کي الاءِ ڇا محسوس ٿيڻ لڳو، لونڊڙيون جهڙيون سڙڻ لڳيون. مون اتان اٿڻ پر ئي پنهنجي لاءِ بهتر ڀانئيو ۽ ان مهل ڇاڇا نهاريو.

"ڪاڏي"

"متي."

"چو فلم نه وٺين ڇا؟"

"نه، ننڊ پئي اچي."

"ڏاڍو بور ٿي ويو آهين هادي."

هن ڪِلَ ڪِلَ ۾ جملو هنيو، ان مهل الاءِ ڇو مون تو ڏي نهاريو، تنهنجن ڇپن تي اُن وقت هلڪو هلڪو زهر ٻرڪيل هو.

متي اچي مون کي الاءِ ڇا ٿي ويو، منهنجي دل چيو پٽ ۾ ٽڪر هڻان، متو ڦاڙيان پنهنجو. رَتُ وهايان. ان مهل ئي نڙي سڙڻ لڳي، مون ٽُڪَ اچلي، اڌُ ڳاڙهي اَڌُ اڇي..

"ها..... هادي ڏس پٽ، پنهنجي رنگين فلم. هاڻي تو سان ٿي فلمي حالت ٿيئي، پر هوءَ اٿين چو ٿي ڪري؟.... مجبور هوندي... ڪهڙي مجبوري اٿس؟؟؟.... ٻين سان جو ڪِلي ڳالهائي ٿي.. اهي ٻيا آهن، تو پاڻ کي ڏٺو آ؟؟؟..... ڪٿي هُو ڪٿي تون... ڪجهه شرم ڪر.... هن سان تو برابري ڪرين......."

انهن سوچن ۾ ئي الاءِ ڇا ٿي ويو. منهنجيون اکيون ٻوٽجنديون

ويون، هوش آيم تہ ڏٺم، سڀ مون مٿان جهڪيل هئا ۽ چاچا مجيد نبضَ ڏسي رهيو هو.

"ڪيئن آهين؟" هو مرڪيو، هڪ مخصوص مرڪ جيئن ڪو عام ماڻهو مريض کي ڏسي مرڪندو آ.

"ٺيڪ آهيان."

منهنجو آواز الاهي ڳرو هو ۽ ٺيڪ ان مهل بہ منهنجي ذهن ۾ تنهنجو چيل جملو لهي آيو "تنهنجي آواز جيان ڳري."

"چا ٿيو هو مون کي؟"

"ڪجهہ نہ، الاهي بخار نڪتو هو، رُبي مٿي اهو ڏسڻ آئي تہ اوهان سُتا يا نہ، تہ توهان بيهوش هئا."

اها تون هئينءَ، چاچا ٻانهن ڇڏي تہ تو جهلي، منهنجي ڪرائي ٺرڻ لڳي.

"مان بيهوش ٿي ويو هئس." مون کي ڪلَ اچي وئي. مان ايڏو سخت جان هادي، جيڪو بقول گهر وارن جي جانور هو، سو ايڏو نرم جان ڪيئن ٿي پيو.

"هادي ڀاءُ." رُبي الاءِ ڪڏهن مٿان کان اچي بيٺي هئي.

"پُٽ." مان مرڪيم، محسوس ڪيم تہ اکين جون ڪنڊون ورڙي پرجڻ ٿيون، مون منهن ڦيري ڇڏيو.

"هاڻي ڪيئن آ طبيعت؟" هوءَ ڏاڍي فڪرمند ٿي لڳي.

"الاهي ٺيڪ آهيان بابل."

ان مهل تو ڪرائي ڇڏي، سيئي مون مٿان چڻ لهي آيا هئا. مون پاڻي گهريو، بہ ٿي ڍُڪَ ڀري رُبيءَ ڏي نهاريم،

"گهڻو وقت ٿيو آ؟"

"ٽي ٿيا آهن."

"امان جن ڪيتي آهن؟"

"ستا پيا آهن، اسان اٿارين ڪو نه."

"ڇڱو ڪيو."

چاچا مجيد ڪڏهن جو هيٺ لهي چڪو هو، مون سيني ڏي نهاري مرڪي ڏنو.

"توهان سڀ وڃو وڃي آرام ڪريو، I AM SORRY مون اوهان سيني کي ڇڱو خاصو ڊسٽرب ڪيو"

"نه يار، حد ٿو ڪرين." ظهير مٿان جهڪيو" تون اڄ تائين به اهو ئي ساڳيو آهين هادي، ننڍي هوندي کان ذرو به نه ڪو نه بدليو آهين."

"اها ئي ته هڪ عادت اٿم، مان ذرو به ڪو نه بدلجندو آن."

بئي ڏينهن تي تو رُبيءَ سان گڏ، مٿي مون سان ملڻ لاءِ پهرين قدم رکيو هو، مون تو ڏي نهاري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. تون ڪجهه لمحا مون ڏي ڏسندي رهينءَ، رُبيءَ تو لاءِ بئي ڪمري مان ڪرسي آندي، تو ڪرسي ريڙهي منهنجي پلنگ جي ويجهو آندي. رُبي، اسان ٻنهي کي اتي ڇڏي ڏاڪڻ واري دَرَ وٽ وڃي بيٺي. شايد اهو ڏسڻ لاءِ ته ڪير مٿي اچي ته ڪو نه ٿو ۽ شايد تو ڪيس سمجهائي مٿي آندو هو. "ڪاوڙيل آهين؟" تو مرڪيو، رواداريءَ واري مرڪ.

"نہ تہ" مون تو ڏي نهاريو" تو ڪيئن ڀانئيو؟"
"لڳي پيو تہ تون مون ڪان ناراض آهين."
"مان ڇو هوندم"
"ڇو تون نہ هوندين؟" تنهنجو لهجو هاڻي ڪجهہ شرير ٿي رهيو هو.
"بس"
"ڇو بس؟" تنهنجيون اکيون ٽمڪيون پئي، مون چُپُ ڪٽي ڪئي.
"تو اجان اها عادت ڪو نہ ڇڏي آ. ڳالهہ کي هڪدم ختم ڪرڻ جي، بس چئي، پنهنجي جملي کي خاتمي ڏيڻ جي." تنهنجا چپ وري بہ مرڪيا پئي.
"اها چا، مون تہ ڪا بہ عادت ڪو نہ ڇڏي آ."
منهنجي وات مان نڪري ويو، تو مون ڏانهن غور سان نهاريو.
"تہ تون لوڪ بہ ڪندو آهين."
"ڪڏهن ڪڏهن، هونئن گهٽو ڪري ٻڌن تي گذارو ڪندو آن."
"گڏ.... مٽي رهي رهي، ڳالهائڻ سکي ويو آهين."
"پتين سان ڳالهائي ڳالهائي ڪجهہ هري ويو آ نہ."
"تو کي ڪنهن مجبور تہ نہ ڪيو آ، جو اجايو ٿو ائين ڪرين."
"مان مجبور ٿيندو بہ ناهيان."
الاءِ ڇا هو مون اندر، لڳم پئي هي ٻاڦ ٻاهر نہ نڪتي تہ وجود جو ٻڪٽو نہ اڏامي وڃين.
"تہ تون ڪاوڙيل آهين، مون تي." تو هڪدم پاڻ سنڀاليو.
مون هنڌ تي ٽيڪ ڏني، اٿي وينم "نہ تہ."
"نہ تہ نہ سهي."

تو هڪدم منهنجي سڏو ٿي ويھڻ تي، مون کي شايد سهارو ڏيڻ ٿي چاهيو، مان سڌو ٿيم تہ منهنجي وارن ۾ هٿ وجهي، منهنجي ڳلن کي ڇُهيئي. ڪڻ جي ويجهو چپ آڻي، هلڪي سرگوشيءَ ۾ چيئي
”مون کان ناراض ٿيڻ تنهنجي وَسَ ۾ ناهي، هتي مان مجبور آن، تون چو نہ ٿو ان ڳالھ کي سمجھين؟“
”تہ مون تو تي ڪهڙو زور ڪيو آ. اڄُ ڇهين رات آهي، مان ٺيڪ طرح سان سمو بہ ناهيان. تون پاڻ ٿي نہ ڪٺي آئينءَ ۽ نہ ئي سمهڻ کان پهرين خدا حافظ چيئي.“
”ڪيئن چوان ها، هتي تہ امان چئن ئي طرفن نگاهہَ ٿي رکي. اهو.....“
۽ ان کان اڳ جو تون ڪجھ چئين، ماسي روبينہ سميت مٿي چڙهي آئي.
”ڪيئن آهين هادي؟“
”ٺيڪ آهيان.“
مون نگاهون چورائي ورتيون ٿي، تو کي هتي مٿي ڏسي، ماسي الاءِ ڇا محسوس ڪري ۽ شايد تون پاڻ بہ ڪجھ شرمسار هجين. پر تو ڏي ڏٺم تہ تون مڪمل اطمينان سان ويٺي هئينءَ. ماسي ڪجھ لمحن لاءِ هلڪو سلڪو ڳالهائي هيٺ لهي وئي، تو ڪجھ نہ ڪڇيو، هُنَ پويان ويندي، مون کي ڏسي مرڪي ڏٺي. ان مهل مون کي اها مرڪ بلڪل Formal لڳي، جڻ ڪير عيادت ڪري اٿي ۽ ضرور مرڪي. ذهن ۾ ترپا تنهنجا لفظ“ هتي تہ امان چئن ئي طرفن نگاهون ٿي رکي“ پوءِ هن مهل تون ڇو مٿي آئي هئينءَ. هن مهل ڇا امان جو نگاهون هتي ڪو نہ آيون هيون؟، يا هوءَ مٿي اچي تو کي مون سان گڏ ڪو نہ ڏسي وئي

هني، پر نہ... شايد تون بہ عام عورتن وانگر مرد جي محتاج هئينءَ.

پوءِ مٿي منهنجو سڄو وقت سوچڻ ۾ گذرڻ لڳو

مان ڇو آيم هتي، ڪهڙو ڪم هيو منهنجو؟؟؟، مون کي نہ اچڻ گهرجي ها هتي، پر مون تہ سمجهيو هو هن سان گڏجڻ جو سٺو چانس ملندو، ان لاءِ آيم. پر... شايد اهو بہ ممڪن نہ هو، مون لاءِ تہ ڏينهن رات هڪجهڙا ٿيندا ٿا وڃن. هي ڪهڙو عذاب آ، جنهن جو مان بغير ڪنهن ڏوهہ جي سزا وار ٿيو آن.

ان رات، ها ان رات، سپ وي سي آر تي فلم ڏسڻ لاءِ هيٺ مڙيا ويٺا هئا. مون کي چيائون تہ مون پهرين ها ڪئي، پوءِ سوچيم اجايو تہ هيٺ لهندم، وري ذهني پيڙا پوڳيندم، ڪهڙي ضرورت آ. هونئين بہ مٿي پر ڪافي سور هو، مان هيٺ نہ ويم.

ڪجهہ لمحن کان پوءِ رضيہ مٿي چڙهي آئي، اها هتان واري گهر جي خاص نوڪرياڻي هئي. جسم جي وڏيل سٺيل، عمر جي ننڍي، فلم هلي ۽ اها نہ ڏسي؛ سوال ئي پيدا نہ پئي ٿيو. اڄ الاءِ ڪيئن فلم تان مُڙي هئي. مٿي، هيٺ وارن لاءِ وهاڻا ۽ چادرون کڻڻ آئي هئي. هن کي ڏٺم تہ الاءِ ڇو ڪيس هڪ ڪوپ چانهن ناهڻ جو چيم، هوءَ ها ڪري هيٺ هلي وئي. مون جهيڻي آواز ۾ ٽيپ رڪارڊ هلائي ڇڏيو.

ان مهل ٻڌم، هيٺ فلم ۾ ڪو شاديءَ جو سين پئي هليو، رضيہ ان سين جي ڏاڍي شوقين هئي هوءَ موجود نہ هئي تہ ڪنهن ڪيس اندران سڏيو پئي.

"اچان ٿي، هادي صاحب چانهن گهري آ، هو ڪوپ پهچائي اچان ٿي."

هن رڙ ڪني ۽ رڙ سان متي چڙهي آئي، عجيب وحشت جو انداز هئس، مون کان بيٺي بيٺي پڇڻ لڳي

"گهٽي ڪنڊ."

"تون وڃ، تنهنجي فلم خراب ٿيندي هوندي، مان پاڻ وجهي ڇڏيندم."

"نہ اوهان پٽايو."

"هڪ چمچو."

هوءَ ملائڻ لڳي.

"ڪمال آ تنهنجو. هڪُ فلم لاءِ مرين ٻہ پئي ۽ ٻئي طرف ڪم بہ ڪرين ٿي."

هوءَ شرمساريءَ ۾ مرڪڻ لڳي، مرڪندي چانهن ڏئي در ڏانهن واپس مڙڻ لڳي تہ اٽڪي پئي، اتي تون بيٺي هئينءَ.

هوءَ تڪڙي تڪڙي ڏاڪا لهي وئي، تون ڪجهہ لمحا اتي ئي بيٺي رهئينءَ. مون کي ڪو اندازو ئي ڪو نہ هو تہ تنهنجي اندر ڇا ٿي رهيو هو، تو مون ڏي عجيب نظرن سان نهاريو،

"هوءَ هتي متي تو وٽ وينئي هئي."

"نہ تہ، هاڻي ئي آئي هئي، بس ٻہ سيڪنڊ بہ مَسَ بيٺي هوندي، جو تون آئينءَ."

ٿلاءِ ڪيترا لمحا چپ هئي، مان چانهن جا ڍُڪَ ڀريا، تون مون ڏي ڏسي ڪجهہ سوچيندي رهئينءَ، آخر چپ ڦاٽ ڪاڏئي

"هو ڪيئن بہ آ، ڪٿي نوڪرياڻي چو نہ هجي، آهي تہ ڇوڪري نہ، ۽ تون.... تون ڇا هتي مشهور ناهين.... پوءِ بہ تو هن کي پاڻ سان ويهاريو... هيٺ وارا ڇا نہ پيا چون......"

تون الاء چا چئي رهي هئين، الاء مان چا ٻڌي رهيو هئم، ڪا خبر نہ هئي. ها، جي هئي بہ تہ اها تہ هن مهل ڪو حادثو ٿيو هئي، ڪا شئي ڀڳي هئي.

منهنجا چپ ڦڙڪيا، چا چوان؟؟؟ پر ان ڪان اڳ ئي تون تڪڙي هيٺ لهي وئينءَ. هي چا هو، مون ڪهريون ڳالهيون چو ٻڌيون، مون ڪي چو هن ائين چيو؟، تہ تون بہ، تون بہ فوزيہ محمد خان، ائين نڪتينءَ.

پر نہ... هوءَ ائين نہ آ، ضرور هينئين ڪجهہ چيو هوندس، تڏهن تہ گرم ٿي آ. ڏکُ پڪو هوندس ڪو مون مان. مون ڪي هن سان ائين نہ ڪرڻ گهرجي ها... پر مون ڪيو چا؟؟ مون ڪي رضيہ ڪي مٿي گهرائڻ نہ ڪهندو هو.. پر چا ٿي پيو جي مون ائين ڪيو. ڪو غلط ارادو تہ منهنجو ڪو نہ هئو، هوءَ نوڪرياڻي آ سڄي گهر جي، جي هُنَ منهنجوڪم ڪيو تہ چا ٿي پيو؟... فوزي پاڻ ظهير وارن سان پلي ڪيرم ڪيڏي، تاش جون بازيون ٿين، اتي ان لاءِ ڪا روڪ ٽوڪ ناهي... هن فوزيءَ جو دماغ ٿو خراب ٿئي چا؟، يا مان محڪوم آهيانس... نہ، پر مان هن جو محڪوم آهيان، اهي بہ اڪيون ئي تہ آهن، جيڪي پيار مان ڏسن ٿيون، اهي بہ ڪسجي وينديون؟؟؟، نہ... نہ نہ.... مان هن ڪان معافي وٺندم ... پر چا جي؟، چا ڪيو آ مون؟،... ڪٿي ڪجهہ بہ ڪو نہ ڪيو هجيم، هوءَ رُئي تہ بچيو چا... ائين پاڻ کي ڪيراءِ نہ هادي..... هوءَ منهنجي چاهت آ، اهو ڪيرائڻ ڪهڙو.... ذهن ڇڻ مطمئن ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن، مون جيئن ئي هيٺ اچي تو لاءِ نهاريو تہ تو، ڪامران ۽ الطاف سان ڪنهن ڳالهہ تي ويٺي ڪليو. مون تي نظر پيئي تہ ڪِلَ بيهجي وئي. ان ڳالهہ کي سيني محسوس ڪيو، مان لنوائيندو، نيرن لاءِ

ڊائننگ ٽيبل تي هليو ويم، نيرن ڪندي مون پڌو، تو ناهيد کي چيو پئي
"ڪانءُ جي ي جي ڏيي تان پنهنجا پير اڇا ڪر، اُتي ته ڪهڙو فرق پوندو، رهندو ته ڪانءُ ئي نه."

تو جملو چئي، مون ڏي نهاريو هو، ناهيد . جملو نه سمجهيو هو تو سان بحث ڪرڻ لڳي. پر هن ڇا تي چيو، مو کي ڪا خبر ڪو نه هئي بس ايترو احساس هو ته اهو جملو تو چيو هو جيڪو تو کي نه چوڻ گهرجي ها.

مان نيرن ختم ڪري، جلد ئي اُتي مٿي هليو آيس.

مون کي پاڻ سمجهه ۾ نه پئي آيو، هي تڏي ڇا پيو ٿو، تون شايد هاڻي مون مان ڪَڪِ پئي ٿي ٿئين، پر هاڻي ته مان الاهي سڌري ويو آن، هاڻي هوءَ ائين ڇو ڪندي؟. پر ان ۾ ڏوهه منهنجو به آ. مون ئي هن کي مٿي تي چاڙهيو آ.

اندر ئي اندر ۾ ڄڻ منهنجيون اکيون کُلڻ لڳيون.

اهو سڀ هئو به ته سچو نه. ڪيڏي نه ڪاڻ پئي ڪڍي مون تنهنجي. هر لمحي جو اهو خوف ته تون ڇڏي نه وڃين، مون کي ڇا نه ڪرائيندو هو. مان ته هر هر پيو تنهنجن ڪنن کي ڏسندو هئم ته ڪٿي تو اهي واليون اڇلائي ته نه ڇڏيون. شايد مون تنهنجي ئي غلامي قبول ڪئي هئي، پر مان ايتري حد تائين ڪرندم، مون کي ان جو احساس نه هو. مون ته هن جو هر لاڏ رکيو آ، پوءِ هوءَ جي مون سان ائين ٿي هلي ته مان ڪيس ڇڏي ڇو نه ٿو ڏيان... مان هن ڪانسواءِ رهي سگهندم؟.... ڇو نه... پر نه، مان اڳ جهڙو ته رهيو ناهيان، تنهائيون هاڻي ته هن جي تصور سان آباد آهن، هوءَ ويندي ته ڪير آباد ڪندو انهن کي؟... ۽ جي مان هاڻي برباد ٿيم ته ڇا رهندو مون وٽ.....؟

مون تو کي رُبيءَ هٿان گهرايو، تو مٿي اچڻ کان انڪار ڪيو،
"هوءَ چوي ٿي، امان ناراض ٿي ٿئي." رُبيءَ مون ڏي نهاريو،
"هادي ڀاءُ، ماسي اوهان تي الاهي ٿي ڪاوڙجي. ان ڏينهن به چئي پئي ته هن هاديءَ جي طبيعت ڏاڍي ڪِني آ. هيڏو سارو جوان مڙس ڳالهائڻ جو سليقو ڪونهيس."
"تو ڀاڻ ٻڌو." دل کي چڻ اعتبار نه آيو.
"ها، هو رضيه کي اوهان چانهن ناهڻ لاءِ چيو نه، ان تي اهو سڄو بکيڙو مچيو. هو ته الاءِ ڇا ڇا پئي چوي. خود توهان جي امان به الاءِ توهان کي ڇو ٿي غلط ٿي وٺي." هن جي وڏين وڏين اکين ۾ اداسيءَ جا ڇڻ ڪورا هئا.
"ڇري آهين ڇا؟" مون بظاهر مرڪيو" اجايو ٿي اداس ٿئين. هُو جي سمجهن ٿيون اٿين ته وڃي سمجهن، تون ته نه ٿي سمجهين نه."
هن ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو، نيڻ پرجي آيا هئس.
"ڏس مٺي ڀيڻ،" مون هن جو ڳل ڇهيو" تون فوزيءَ کي وٺي اَءُ، مان هن سان ڳالهائڻ ٿو گهران."
"هوءَ نه ٿي اچي، هادي ڀاءُ."
"تون ڪوشش ته ڪر نه."
۽ الاءِ ڪيترن ڪلاڪن کان پوءِ تاڪ منجهند جو تون هن سان گڏ ڏاڪا لتاڙي آئي هئينءَ. مٿي اچي تو ڇٽن ئي پاسي نهاريو هو، اهي ئي پٽيون هيون، جن ۾ مون تو سان گڏ رهڻ لاءِ، رهائيون ڪرڻ لاءِ سپنا اڻيا هئا ۽ هتي ئي تون مان اجنبي هئاسين. تون ڪرسي ريڙهي ويهي رهئينءَ.
"ڪاوڙيل آهين؟" مون شروعات ڪرڻ چاهي.
"نه ته." تو رکو جواب ڏنو، ڪجهه لمحن لاءِ اکيون مليون، مون تو

ڏي غور سان نهاريو،
تو نگاهون پري ڪري ورتون.
مان چپ ٿي ويم، تو ئي ڳالهايو
"هتي گهرايئي؟"
"تو کي ڏسڻ ٿي چاهيم."
"تنهنجي سوچ ئي اهڙي هوندي آ. هي به ڪو وقت آ ڏسڻ جو."
هي جملو نه هو ڪو تير هو، مان چڻ مٿان ڪري پيس، اڄوڪي ڏينهن ۾ هي ٻيو نشتر هو جيڪو تو هنيو هو، نڙي گهٽجي وئي، الاءِ ڪيترن لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ چئي ڏنئي
"تون مان الڳ نه ٿا ٿي سگهون؟"
"ڇا؟" منهنجا ڪَنَ ڦاٽڻ لڳا، هي تو ڇئي ڇيو، ۽ مون لاءِ ڇئي ڇيو. اکين اڳيان ڄڻ اونداهه اچي وئي. مون ڇُنجهيُن اکين سان تو ڏي نهاريو.
"تو کي خبر آ تون ڇا چئي وئين؟"
لفظ ڄڻ پَکندا، پُرندا، ٻاهر اچي رهيا هئا.
"ها سڀ ڄاڻان ٿي.... ڏس نه... امان ۽ ماسي ٻئي تو کي خراب ٿيون چون، ڪو به تو کي صحيح نه ٿو چوي، پوءِ مان ڇا ڪيان اڪيلي؟"
"مون سان تنهنجي ماءُ ڳالهايو هو، هن AGREE ڪيو هو مون سان....."
"ڪيو هو، آهي نه، ماضيءَ ۽ حال جي فرق کي ڏس." تو مرڪيو، تلخ مرڪ.
مون پاڻ سنڀاليو.

"ڏس فوزي، مان صحيح ناهيان، هن مهل تو Tense ڪيو نہ تہ ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ نڙيءَ مان رَتُ اچڻ شروع ٿيندو، مون سان ائين نہ ڳالهاءِ، ڏس.... مون لاءِ صرف تنهنجو وجود ئي ڪو آسرو آ، اهو نہ ڇڏراءِ....."

"تون سُترين ئي ڪو نہ ٿو، مان ڇا ڪيان." تنهنجو لهجو ڏاڍو رِکو هو. "ڇا ڪيو آ مون؟" مان ڇڻ ڦاٽي پيس" تون روز رات جو مون کي هر هنڌ سمهڻ کان پهرين پاڻي ڏئي چمي ويندي هئينءَ، خدا حافظ چوندي هئينءَ، هتي نہ آئين، مون ڪجهہ نہ چيو. تو ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو، مون ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي. تون مٿي نہ ايندي هئينءَ. مون اڄ ڪانسواءِ ڪڏهن تو کي گهرايو حالانڪہ ڪنهن جي نظر بہ تو ۽ مون ۾ ڪا نہ هئي. مون ڪجهہ نہ چيو. اڄان تون ڇا ٿي گهرين؟"

منهنجي نڙي ڀرجي آئي، گلو صاف ڪرڻ لاءِ ٿُڪَ اڇليم، اها ڪجهہ ڳاڙهي هئي. ربيءَ روئي ڏنو، تنهنجو منهن ڪجهہ لمحن لاءِ سانورو ٿي ويو، پوءِ پاڻ لاپرواهي ظاهر ڪرڻ لاءِ نگاهون چورائي ورتئي. مان تو سان پنج سال گڏ رهيو هئس، تو کي مان نہ سڃاڻان ها تہ ٻيو ڪير سڃاڻي ها.

"تون اڃايو ٿو گرم ٿئين." تو نُنهن ڪرڙيو" هميشہ ماٺهو گڏ تہ نہ هلندو آ نہ، وڇڙجي بہ تہ ويندو آ نہ."

"پر ڇو؟...... ڇو وڇڙي؟"

"تون پنهنجو انداز ڏسين ٿو، هيترن ڏينهن ۾ تون هيٺ نہ لٿين، ڪنهن سان مرڪي ڪو نہ ڳالهائيئي. ڪنهن کي لفٽ ڪو نہ ڏنئي. اهي افعال آهن تنهنجا. هر ڪو ڪَڪ آ تو مان. سڀ تو کي خاندان جو بور ترين ڇوڪرو چون ٿا. مان ڪيستائين ۽ ڪنهن ڪنهن سان وڙهان؟"

"مان ڪوٺو بلڪل ناهيان فوزي، مون کي شور شرابو برداشت ڪو نہ ٿيندو آ. اهو تون پهرين ئي ڄاڻين ٿي ۽ هوندي بہ جيڪي ڪمهني مان تو سان ڪندو آن. سا مري پوان تہ بہ ٻئي سان نہ ڪندم."

"تون امان سامهون مون سان نہ ڳالهائيندو ڪر، هوءَ Mind ڪندي آ."

تو جملو چئي، ننهن ڪرڙيو، مون غور سان تو ڏي نهاريو.

"مان بلڪل ائين ڪندم، جيئن چوندينءَ، بس تون رڳو چڙ نہ."

"چڳو نہ ٿي چڙيانءِ، بس تون رڳو خيال رک، هي رضيہ وارو اسڪينڊل جو ڪاڙو ٿي ويو آهي، تو خلاف. ائين تہ نہ ڪر." حالانڪہ تو ڪوشش ڪئي پئي تہ اهي جملا پيار مان ڳالهائين، پر تنهنجو لهجو تنهنجي اندر جيءَ ان پورو ۽ انڪاري هو.

"مان سڀاڻي هليو ويندم هتان."

مون تو ڏي تڪيو، دل چيم تو پُڇندينءَ "ڇو"، روڪينديءَ تہ نہ وڃ، پر تو ڪجهہ بہ نہ چيو، بس ننهن پر ڏسي چيئي

"ڀلي وڃ."

منهنجو اندر ڀُري ويو.

"مان وڃان؟"

تو ڪنڌ مٿي ڪنيو.

"ڀلي."

تون تيزيءَ سان اٿي هلي وئينءَ، مون رڪارڊ آن ڪيو ۽ پلنگ جي پُٺَ کي ٽيڪ ڏئي ڇڏيم.

هَر دَم ڏُک ميڏي اندر ڪُون، ميڪون ويڙها ڪاوَڻ آوي
يا فريد اُتي ڪِي وسڻا، جتي دلبر نظر نہ آوي.

سامهون ٿي پيرن ڪان، پلنگ جي ٽيڪ ۾ آئينو لڳل هئو، مون غور سان ان ۾ نهاريو

"ختم ٿي ويو آهين يار." هن ڇڻ مون سان ڳالهايو." هُو لمحا جيڪي تون زوريءَ ڇڏي پيو هئين، اهي تنهنجو مقدر هئا هادي، موٽڻي پيا، ڪاڏي ڀڄندين."

مون ٽيڪ ڏني هئي ته رُبيءَ وهاڻو پنيءَ هيٺان ڏنو هو، مون هن ڏي تڪيو، هي هڪڙو ماٺهو ته هئو، منهنجي ڏکن جي ڪنهن ڪنڊ ڪان واقف. مون ڏانهنس نهاريو ته اکين جا پاسا ڄڻ پڄي پيس، مون ڪيس ٻانهن ۾ ڀري ورتو.

"ٻار آهين ڇا؟ ڇا ٿيو جو روئين ٿي. ڪجهه نه ٿيو آ رُبي، ڪجهه ٿي ته نه ٿيو آ."

منهنجي وڃڻ جو ٻڌي، سيني الاهي روڪيو، پر مان سيني ڪان نه روڪيو ٿيم، ۽ ان مهل دل جي ڪنهن نرم ڪنڊ مان، ڄڻ بار بار ڪو چوندو پيو وتي

"هادي، هُو جي روڪني ته يقينن تون سامان پيڪ ڪري به نه وڃين."

جنهن مهل مون ڪمري ۾ سامان ٿيلهي ۾ وڌو پئي، ته تون اندر اچي ڪمري ۾ ليٽي پئي هئينءَ. مون تو ڪان نظرون پري ڪري ورتيون. "آهستي آهستي ڏسڻ ڪان اڳ ئي ڪجهه پاڻ کي پري ڪري هادي، ڪجهه ٽريلر ته هن ڏيکاريو ٿئي، فلم پوري ڏسڻ ڪان اڳ ئي ڪجهه ته اندازو لڳاءِ."

تون ليٽي پئي هئينءَ ته تنهنجا وار وهاڻي تي پکڙيل هئا. تو هڪ

هٿ سان انهن کي ريڙ ٻنند پر ٻڌوَ پئي، مون تو ڏي نهاريو، تو مرڪيو، ٿڪي مرڪ.

"هن مهل هڪ شعر ٿو ياد اچيم.

"ڪهڙو؟"

"اندر اداس هوندو، منظر اداس هوندو.
جيسين ملي نہ سگهندو، دلبر اداس هوندو.
مون کي هو جنهن ڏِڪاريو، سو گهر اداس هوندو،
ڪو ديوتا نہ داسي، مندر اداس هوندو."

مون تو ڏي نظر پري، يار هادي، هيءَ شايد تنهنجي وڏي پر وڏي ڪمزوري آ. تو شعر ٻڌي عجيب مرڪ مرڪي، جڻ منهنجي دل رڪندي هجين. اتي ئي پلنگ جي مٿان، تنهنجي پريان، منهنجا جوَراب پيل هئا. مون اهي ڪڻندي، تنهنجن وارن کي هلڪو ڇهيو، تو مرڪيو ۽ مان اتان نڪري آيم.

"ياٿهين کي وڻن لاءِ موڪلجانءِ"

ٻاهر امان بيٺل هئي، مون ويندي ويندي، هن جا پير ڇهي "ها" ڪئي. ٻاهر دالان پر سڀني کان موڪلائيندي، مون تو لاءِ الاهي واجهايو. هونئين جڏهن بہ مان تو وٽان رخصت ٿيندو هئس تہ تون ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان ٻاهر ضرور ايندين هئينءَ، مون کي در تي ضرور ڇڏيندي هئينءَ، اڄ ڪو نہ نڪتينءَ. منهنجيون نظرون ڀٽڪنديون موٽي آيون. حالانڪ پڪ هئي تون نہ ايندينءَ، پر پوءِ بہ هن اکين کي ڪير روڪي.

پوءِ تو وٽان آيس تہ پاڻ کي ڪيڏو نہ سمجهايم

"هن جي ڪاڻ نہ ڪر هادي، هوءَ اونهئين بہ هاٿي هيرَ ٿيندي ٿي

وجين، وٺيس تہ ڳُهلي نہ وٺيس تہ نہ، تو ڪي تي ڇا ريو آ؟.... اڳي تون ڪنهن ڪان ڪنجندو هئين تہ ڪجهہ لفظن تي. هوءَ هيڏا سارا تير تُفنگ تي هٽي پوءِ بہ هن پويان لُور لُور ٿو ڪندو وتين. ها.... شايد مون هن ڪي چاهيو آ نہ، شايد ان ڪري..... پر چاهت جو مقصد اهو تہ نہ آ تہ انسان پاڻُ بلڪل ڪيرائي وجهي... جيئن تون پيو ڪرين.... تہ ڇا ڪيان، هن ڪي ڇڏي ڏيان.... ڇڏي وري ڪيئن ڏيانس.. هوءَ تہ آخري سهارو آ. هن ڪان سواءِ رهي سگهندم؟ ڇو نہ رهندم.... پر ڪهڙي حياتي؟... رڙهندڙ، گسجندڙ... پر جيڪڏهن اهو ئي مقدر آ تہ ڪهڙو فرار... هن حد تائين، مان پنهنجو پاڻُ پهتو آن. ڪهڙو مقدر تي ڇڏي ڏنو اٿم....مان هن کي موٽائيندم، هن جو اهو ئي سبب آ نہ تہ هن جي ماءُ نہ مڃيندي تہ مان امان ڪان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو آخري ڀيرو ضد ڪري، هن جو هٿ گهرائيندم. امان ڇو نہ مڃيندي، هڪَ تہ خواهش پوري ڪندي."

مون خواب اُٿيا پئي، منهنجين اکين ۾ وري بہ رنگن لهڻ جي ڪوشش پئي ڪني. ۽ ڪي ڪي لمحا پوائنتا اچي ويندا هئا، جيئن رنگين فلم هلندي، ان جا رنگ گسجي وڃن ۽ ڪارا پَٽا ڪجهہ لمحن لاءِ اسڪرين کي والارين.

اوچتو اوهان موٽي آيا.

شام جو مان گهر ويٺو هئم. ڪجهہ لمحا ئي گذريا هئا جو مون

کھڙا مٽايا هئا، راند تي وڃڻ لاءِ ڪِٽ ڪئي هئم. بيل وڳي ته مون "هائو" چئي ڪجهه دير لاتي، ۽ ان وچ ۾ چڻ ڪنهن بيل تي آنگر رکي نه ڪڍڻ جو فيصلو ڪري ورتو. مون نوڪر کي دَرَ تي موڪليو ۽ پاڻ اُتي ئي ويٺو رهيم، الاءِ ڇو اهڙن ماڻهن تي مون کي چڙ ايندي آ، جيڪي ڪجهه لمحن لاءِ به انتظار ڪري نه سگهن. شايد منهنجي سڄي زندگي انتظار ئي هئي.

در کليو ۽ توهان اندر گهڙيئو.

تو گيٽ اندر گهڙي، پنهنجي مخصوص انداز سان وارن کي جهٽڪو ڏئي، مُنهن تان پري ڪيو. منهنجيون اکيون چڻ ٻرڻ لڳيون، تو پوڀان سيني گهر وارا، گهر اندر گهڙي رهيا هئا. مان اتان اٿي ڪٽڙو ٿيم. اُتي ئي امان جو آواز ٻڌم، نوڪر کان پڇائين پئي

"پرُو، هادي گهرَ ۾ ڪونهي ڇا؟"

"آهن جيجي... اندر ئي – وي وينا ڏسن."

هُن سيني جي پيرن جا کڙڪا ويجها ايندا ويا، مون کي الاءِ ڇا ٿيڻ لڳو. " تنهنجي سامهون اچان يا نه...." ۽ الاءِ ڪيئن لمحن ۾ ڪجهه سوچي، مان پوئين دَرَ کان گهران ٻاهر نڪري ويم.

رات جو الاهي دير سان موٽندي، مون سوچيو تون سمهي پئي هونديءَ، سڀ تقريبن ننڊ جي آغوش ۾ هوندا. اندر آيم ته ڳالهائڻ ٻولهائڻ سان چڻ چوٻول متل هو، مان سڌو ڪمري اندر آيم. اتي تون ۽ رُبي وينا هُيَئو. مون موٽڻ چاهيو پر رُبيءَ جي نظر پئجي وئي، تون پلنگ تي ليٽيل هئينءَ ۽ هوءَ ڪرسيءَ تي ويٺل هئي. مون کي مجبورن اڳتي وڌڻو ئي پيو. رُبي ڊوڙي مون ڏي وڌي،

"شاباس آ، هادي ڀاءُ، اسان جي اچڻ جو ٻڌي به گهران نڪري

ويٺو."

"السلام عليڪم." تو سلام ڪيو.

"وعليڪم سلام." مون تو ڏي نهاريو، تو کي شايد زڪام هو. اکين تي ٻانهون رکيو، تون انهن ئي ليٽي رهئين. مون رُبيءَ ڏانهن شرمساريءَ سان نهاريو

"مان گهر نہ هئس.

"اهو پرويز جو چنڻي پيو تہ توهان ان مهل ٿي - وي ويٺي ڏٺي."

"ڪوڙ تو هٿي ڪميڻ ...."

منهنجي زبان رڪجي وئي، هي تہ منهنجو لقب هئو، مون ڪنهن ٻئي کي ڪيئن ٻڌي ڏٺو. تو لمحن لاءِ ٻانهن پري ڪري مون ڏي نهاريو وري منهن کي ڍَڪي ڇڏيئي.

"ءَ توهان ٻهرين بيل تي اندران "ها" جي چيو هو."

منهنجي چڻ چوري جهلجي پئي هئي، ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيس، ماٺ ڪري بيهي رهيس.

"ڪير ڪير آيو آ؟" ڳالهہ ڪا تہ ڇورٽي هئي.

"سيٺي آيا آهن."

"ڏاڍو سٺو."

"تڏهن رِسيو ڪرڻ ڪان بہ پڇِي ويا هُيَئو."

"اها ڳالهہ ناهي، ڇري."

مون هن کي ٻهلايو، ءَ ان مهل تو وري مون ڏي نهاريو ڄڻ چوندي هجين، جيڪا بہ ڳالهہ آ مان سڀ سمجهان ٿي.

مان ماٺ ڪري ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر اچي امان ءَ ٻين مهانن سان مليس. نظرن ڪجهہ وڪريل هيون، منهنجي ماءُ شايد

ڦريون ڦيرو مون کي ڪمايل محسوس ڪيو.

"بيمار آهين ڇا هادي؟"

"نہ امان."

منهنجي پنبڻن ۾ وري ڪا شئي اٽڪڻ لڳي، امان سان مان تمام گهٽ اڪيلائين ۾ ملندو هئس. نہ هو منهنجي بدتهذيبين جي ڪري مون کي گهڻو ملڻ ڏيندي هئي ۽ نہ ئي مان ڪڏهن وٽس هلي ويندو هئس.

"ڪجهہ پريشان ٿو لڳين تڏهن پڇيم." هوءَ اطمينان سان سوپاري ڪَتَرڻُ لڳي، مون هن ڏانهن غور سان نهاريو.

"مان اوهان کي هڪ ڳالهہ چوڻ ٿو گهران."

"چئو."

هوءَ ڄڻ بي ڌيانيءَ سان منهنجي ڳالهہ ٻڌي رهي هئي، مون سندس نظرن ۾ واجهايو.

"مان فوزيہ سان شادي ڪرڻ ٿو گهران."

هوءَ سڄي ڄڻ ڏُڪي وئي.

"تون ٺيڪ تہ آهين نہ؟"

"ٺيڪ نہ هجان ها تہ توهان سان اهڙي ڳالهہ ڪيان ها."

مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو، هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي. منهنجا چپ ڇُريا.

"مون اوهان کان ڪڏهن بہ، ڪجهہ بہ نہ گهريو آ امان، پر هن لاءِ مان اوهان سان وڙهي بہ سگهان ٿو."

"لهجي کي سخت نہ ڪر، مان وري بہ تنهنجي ماءُ آن، تنهنجو ڪجهہ تہ خيال هوندم." هن ڪنڌ کڻي مون ڏي نهاريو.

"سَوري." مون چپ پڪوڙي ڇڏيا.

"ادي الاءِ مجين الاءِ نہ؟"

"توهان چئي تہ ڏسو نہ."

"مان سياڻ ني ٿي ڳالهائيانس، پر آهي خر مغز ڏسان ڇا ٿي ڪري. چوندي گهٽو ڪري اهو تہ چوڪرو بزنس پورو سنڀالي تہ پوءِ ٿي ڪجهہ ڪبو. هونيئن بہ ماشاءَ الله لکن جو مالڪ آهين، تو کي پئسي جي ڪهڙي پرواهہ؟"

"ٿئنڪ يو امان، ٿئنڪ يو ويري مچ."

مون امان جي پيشاني چُمي، هن منهنجي وارن کي سنوارَيو، مان ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس. پنهنجي ڪمري ۾ اچي مون، در بند ڪري آئيني ۾ نهاريو. نهارڻ سان ئي اکين مان پاڻي وهي آيو.

"روئين پيو؟" آئيني پڇيو.

"امان اڄ وار سنواريا آهن نہ، شايد ان ڪري ۽ ها هن تہ فوزيءَ لاءِ چوڻ لاءِ بہ ها ڪئي آ."

"هان" شيشو چئي هڪدم چمڪي اٿيو "مبارڪ هجئي."

ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ مون ٻڌو، تو کي بخار ٿي پيو هو. رُبي ٻڌائڻ آئي هئي، گهمڻ وئي هئينءَ تہ اتي ئي ٿيو هيئي. ڊوائون کاڌي پئي پر هتي وڃي ويوهيئي.

"ڇو ٿيو آ بخار؟" مان تنهنجي مٿان جهڪيس" هان....."

تو اکيون کوليون، مون تو کي ڪرائيءَ کان جهليو، اها وچولي

درجي جي گرم هئي. تو منهن ڦيري ڇڏيو، مون دل ۾ ڪا شئي، پُرندي محسوس ڪئي. تنهنجي ڪرائي ڇڏي ڏنم.

"دوا ورتي آ ڪا هنُ؟"

"ها، هادي ڀاءُ، گوريون ڪاڍيون اٿس."

"ڪهڙيون؟"

"ناولجين."

"ءِ؟" مون تو ڏي نهاريو، الاءِ ڪيئن چئي ڏنم

"اهو بخار لهڻ گهرجي."

تو پاسو ورائي ڇڏيو. مان ڪمري مان ٻاهر نڪري آيم. هي جملو منهنجي واتان نڪتو هو، پر ڦڪو ڦڪو، شايد منهنجي وجود جي چاشني هاڻي ختم ٿي رهي هئي. لفظ ساڳيا هئا چوڻ ۾ شايد اهي گرميون نہ رهيون هيون.

اهو سڄو ڏينهن، منهنجو وجود جڻ ولهہ ۾ هجي، چوڌطرف سرد هوائن ۾ گهريلُ. جذبن جي راسخ هجڻ جي پَڪَ ڪان پوءِ بہ مان تو ڪان ڇڪجي پئي. ان ڪا وڌيڪ ڪهڙو ذهن تي عذاب هجي ها.

شام جو گهر موٽندي، مون ڏٺو، تون رُبيءَ سان گڏ لان ۾ ويٺي هئينءَ. پريان، لان چيئرز تي، سامهون ڇانهن رکيو، امان ۽ ماسي ڪنهن ڳالهہ ۾ مصروف هيون. هڪ تہ هن رُبيءَ جي مون کي سمجهہ نہ پئي آئي، جڏهن ڪان تو سان ملي هئي، تنهنجي ٿي ٿيندي پئي وڃي. شايد تو ۽ مون ۾ اهو بہ فرق هو تہ جيڪو تو سان ملندو هو تنهنجو ٿي ويندو هو ۽ مون وٽ هڪ پيرو ايندو هو تہ ٻئي دفعي جڻ روح ئي نہ ڪيندو هجيس. منهنجي دل چيو تو ڪان طبيعت جو پڇان، پر اُن مهل پريان

ماسي ويني هئي ۽ هن سامهون مون کي نہ ڳالهائڻو هو، مان مانٽ ڪري اندر هليو ويم.

اڄ هڪ ٻيو ذهني ڌڪو مليو هئم، ڊاڪٽر چيو هو منهنجي نڙيءَ ۾ ڪا وڏي خرابي ٿي پئي هئي مون کي ٻاهر وڃڻو هو علاج لاءِ. مان هن کي ڇا چوان ها تہ ڪهڙو علاج ڪرايان؟، دل جو يا نڙيءَ جو. مون هن سان ها ڪئي تہ ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪاغذ وغيره صحيح ٿو ڪرايان ۽ هن مهل گهر ۾ ڇڻ، اندر ٻاهر، ٻنهي حدن ۾ واچُوڙا هئا.

انَ ڏينهن جي رات بہ مون لاءِ ڇڻ ممنوع هئي. ڪا اجازت نہ هئي، نہ توکي ڏسڻ جي ۽ نہ ملڻ جي. مان ان ڪمري ۾ نہ اچي سگهيس ۽ نہ ئي اچڻ ٿي چاهيم، جتي تون رهي پئي هجين. اڄ تہ رُبي بہ ملڻ نہ آئي هئي. شايد تنهنجو بخار وڏي ويو هو. صبح تائين منهنجي اک بلڪل نہ لڳي هئي. پرهہ ڦٽيءَ مهل، ڪجهہ اکيون بند ٿيون ۽ کولڻ تي خبر پئي، توهان هليا ويا هُيئو، تو ضد ڪيو هو ماءُ سان جلد از جلد گهر پهچڻ جو.

منهنجو اندر ڇڻ وري ويران ٿي ريو،ڪنهن ڇڻ ڪن ۾ چيو "اڳ جيڪا آبادي هوندي هئي، سا آهستي آهستي ختم ٿي تيندي وڃين هادي، پنهنجي فڪرن کي بہ آهستي آهستي ختم ڪر نہ."

"مون ماسنهن سان ڳالهايو آ، پهرين تہ الاءِ ڇا پئي چوي. پوءِ مڃي وئي. ايترو چيائين تہ ڇوڪرو بزنس هتن ۾ ڪٽي تہ ڳالهہ پڪي ڪنداسين."

امان ڇڻ جملو اڇلي ڇڏيو، هوءَ مون ڏي نهاريندي رهي، مون الاءِ ڇو ڪنڌ نہ کڻڻ چاهيو. "هوئنئين هادي آهي منهنجي پاٿيجي، باقي مون

ڪي پسند ڪو نہ ٿئي. هن گهر جو هر ماڻهو تقريبن هن جو مخالف اٿئي."

"پر ڇو؟" مر گيت ڏني. هي وري ڇا پيو ٿئي.

"هن جي طبيعت ڪجهہ اهڙي آ. پنهنجي مود جو مالڪ آ تو ڪي هاڻي اسان ڇا چئون؟ تو تہ هميشہ ئي اهو رونڻ نو هرندو تہ سان تو ڪي نہ ٿا ياڻيون. هل سائين، تنهنجي اها خواهش بہ پوري ٿا ڪيون. ڏسون ڪهڙا اُڄَ ڪٿا آهن ان ڇوڪريءَ ۾."

"ادا ڇا پئي چيو؟"

"هو ڇا چوندو؟، بس اهو چيائين تہ جي هاديءَ جي پسند آ تہ ٺيڪ آ، نہ تہ ڇوڪري صحيح ناهي."

"ڇاهي هن ۾؟"

"ڇا ناهي." هوءَ تيز ٿي وئي" مان تو سان بحث ڪرڻ نہ ٿي گهران،. بس ٺيڪ آ جيئن تو چيو تيئن ٿيندو."

هيءَ ڪهڙي خوشي هئي، جيڪا ڏُڪَ جي پيڪنگ پيپر ۾ ويڙهجي مون تائين آئي هئي. خبر پيم توهان صبح جو پاڻ رُبيءَ ڪي بہ پنهنجي گهر گهمائڻ وٺي ويا هو، تو الاءِ ڪيئن هئيئہ، گهٽ ۾ گهٽ هن ڪان تہ تنهنجي باري ۾ ڪا خبر پوي ها. گهر وارن ڪي الاءِ ڪيئن مون تي رحم اچي ويو هو، شايد منهنجيون اکيون تو لاءِ ڦريل ڏنائون، تڏهن تہ اٿين هڪدم مڃي ويا. هڪ ادا وڏي جو ڊپ هو، سو بہ امان اڳيان ڪجي نہ سگهيو هو.

رُبيءَ ڪي توهان جي گهران وٺڻو هو.

اتي پهتم تہ تون دالان ۾ ئي ليٽيل هئينءَ. ماسيءَ اندر آچار وٺي پاتو. دنيا جهان جو شيون اچي پنهنجي اڳيان رکيو هئائين. مان

ستو اندر هليو ويم، تون اتي ئي مون ڏي نهاريندي رهيئه، مون تو ڏي مرڪي ڏٺو، تو خالي خالي نظرن سان مون ڏانهن تڪيو ۽ ان مهل دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سور ٿيو

"هوءِ اخلاقن ئي ڪٿي مرڪي ها، هادي."

اندر ماسيءَ عينڪ اکين تان پري ڪري، ٻانهن وڌائي. هَٿَ سُرڪِي ۾ خراب ٿيل هئس، پاسن کان خالي کُولا پيل هئس. مون سندس ٻانهن تي هٿ رکيو.

"خوش آهين؟" هن شيشي مٿان نهاريو.

"جي"

"" ماٺهين ڪيئن آ؟"

"ٺيڪ آ، سلام پئي چيا، سيني گهر وارن."

هن ڪجهه نه ڪڇيو، انبڙين جا ٽُڪَرَ ڪندي رهي، ڪجهه لمحن کان پوءِ نظرون کڻي ڏٺائين ڄڻ پڇندي هجي ته ڪيئن آيو آهين.

"رُبيءَ کي وٺڻ آيو آهيان."

هن ڪجهه نه ورائيو، مان الائي ڪيترا لمحا اجايو ويٺورَهيس، رُبي شايد تَڙُ ڪرڻ وئي هئي.

"آرام سان ويهه، وانڪو ٿي." ماسي گِهر ڪِيَلَ عينڪ هڪ دفعو وري مٿي ڪئي.

"مان ٻاٺي ٻي اچان."

مون ڪسڪڻ ۾ ئي عافيت ڀانئي، هن جو رَوَيو منهنجي سمجهه کان ٻاهر هو، هي سڀ عجيب فطرت جا ماڻهو آهن.

ٻاهر، تون ڊائننگ ٽيبل تي ٻانهون رکيو، ڪوڪ جا ڊِڪَ پريا پئي، مون تو ڏي نهاري، بوتل فرج مان ڪڍي ڊائننگ ٽيبل تي رکي ۽

ڪرسي چڪي ويهي رهيم. تو مون ڏي نهاري چڻ رسمن مرڪيو
"مان تو سان ملڻ آيو آهيان."
"ڄاڻان ٿي." تو برف جي ٽڪر ۾ هٿ ۾ جهليو.
"شايد آخري ڀيرو، شايد نه به."
"ڪاڏي وڃين ٿو ڇا؟"
تو مون ڪي نظرن ۾ ڄڻ توريو، شايد اها پَڪَ پئي ڪيئي تہ هي لمحا جدائين ڪان ڀهرين واقعي آهن يا مان وري تو وٽ اچان ها.
"ها، ملڪ ڪان ٻاهر ٿو وڃان."
"ڪاڏي؟"
"خبر ناهي." الاءِ ڇو مون تو کي ٻڌائڻ نہ چاهيو.
"سبب پُڇان؟"
تو مرڪيو، عجيب مرڪ. ڄڻ ڪلنديءَ تہ ڇَپَ ورجي وينئي.
"مان بيمار آن، صحيح نہ آن، هتي علاج ناهي... ٻاهر ڏسان، الاءِ ڪٿي ڪرايان."
"ڇا اٿئي؟" تو ڳالهايو، ائين لڳو ڄڻ سُڏڪو هجي.
"اهو نڙيءَ وارو چڪر."
"ڇا ٿيو آ، ان ۾؟" تون بوتل کي ٻاهران اگهڻ لڳينءَ.
"ٻانهون وڌيون هيون، ڳچيءَ ۾ ڪنهن... پوءِ ڪڏهن ورتائين...
ان خال کي ڀرڻ پيو وڃان."
تون ڇرڪجي وئينءَ، الاءِ ڪيترا لمحا چُپُ هئي، مون تو ڏي تڪيو
"مان ٿوراٿتو آن تنهنجو،تنهنجي ساٿ جو، تون مان پنج سال ساڻ هليا آهيون نہ، تو مون کي الاهي ڪجهہ ڏنو آ... مون کي سيکاريو ٿئي تہ نفرتون ۽ محبتون ڪيئن ڪجن ......زندگي گذارڻ لاءِ اهو بہ

ضروري آ تہ انهن ٻنهي جو سليقو هجي."

منهنجي نڙي پرجي آئي. تون خاموشيءَ سان ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيو، مون ڏي ڏسندي رهينءَ. "نہ چاتو هئم، مون کي ائين ٻي سرو سامان هتان نڪرڻو پوندو.... پرمان سمجهان ٿو، اهو ئي بهتر آ... اسان ٻنهي لاءِ تہ مان هتان هليو وڃان.... هڪ ڳالهہ پڇانءِ."

"تو رضيہ واري واقعي ۾ مون تي شڪُ ڪيو هو نہ؟"

"نہ، شڪ نہ ڪيو هو، بس تو تي ٻين جو الزام برداشت نہ ٿي سگهيو."

" ۽ ان ڪري تو مون سان اهو ناڪاري رويو رکيو؟"

"تون تہ منهنجو پنهنجو آهين، مان جيئن پنهنجو خيال رکي نہ سگهندي آن، تيئن شايد تو سان بہ ڪندي آن."

"اهي سڀ Negative رَوّيا، اهي تلخيون، اهي نفرتون، تون پنهنجو پاڻ سان بہ ڪندي آهين؟"

مون غور سان تو ڏي نهاريو، شايد چوڻ ڪجهہ ٿي چاهيم، چئي ڪجهہ ويو هئم.

"ها"

"تون چاٿين ٿي منهنجي باري ۾ تہ مان الاءِ ڪيئن آن، ساٿ ڏيندو آن تہ سڄي زندگيءَ جو. حساب ڏيندو آن تہ ان ساٿ جي هڪ هڪ لمحي جو ۽ جي وڇڙندو آهيان تہ خصيص ڳالهہ تان ۽ پوءِ مڙي نہ ڏسندو آن، چاهي ڇا بہ ٿي پوي. پوءِ بہ تون مون سان هلندي آهين؟"

"ها هادي" تو وڏو ساهہ کنيو.

"تو کي احساس نہ هوندو آ تہ تو مان تو کي تنهنجي ان رويئي ڪري ڇڏي سگهان ٿو." مون تو کي تڪيو، الاءِ ڇو من تو سان اجان بہ

محبتون ڪري رهيو هو.

"اهو ئي ته مان چاهيان ٿي."

"پر ڇو؟... ڪا به روڪ ٽوڪ ڪانهي، ماسيءَ سان امان ڳالهايو آ، هن ها ڪئي آ، پوءِ هي سڀ ڇا هي؟"

"تون امان جي باري ۾ ڪجهه نه ٿو ڄاڻين."

"سڀ ڄاڻان ٿو مان، هن مون سان خود ڳالهايو آ، الاءِ ڪيترا ڀيرا مون ڪان پڪَ ورتي ٿئين. تو ڇا ٿي سمجهين ته مان ڪوڙ ٿو هڻان؟"

منهنجو لهجو تلخ ٿي ويو، آواز ۾ ڄڻ ليمي جي رَسُ جا ٽيپا هجن، ڪجهه ڪٺا، ڪجهه ڪڙا.

"هن مون سان ته ڪڏهن اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي."

"ته ان ۾ مان ته قصوروار ناهيان نه. هن تو سان نه ڳالهايو آ ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ هن بهرحال مون سان ڳالهايو آ ۽ ها ڪئي آ."

"تون ڪڏهن ٿو وڃين؟"

"ڳالهه ٽار نه. مون کي جواب ڏي."

تون چڙي پيئين، اکيون ڄڻ ٻرنديون هجنيئي "چيو ته مانءِ ته هادي ته امان مون سان ڪڏهن به سنئون سڌو نه ڳالهائيو آ. مان ڪيئن چوان."

تنهنجا لفظ نه هئا، ڄڻ ٽانڊا هئا جيڪي اڇليئي پئي.

دماغ چيو" ايتري حَدَ ڪان پوءِ به.... پوءِ به هادي تون هن وٽ اچان ويهندين؟"

دل چيو "ها، جو هن کي ڏڪارو ڪري موڪلاڻ نه ٿو گهران."

ان مهل ئي روبينه تڙُ ڪري آئي. مون هن کي تياري ڪرڻ لاءِ چيو، تو ڪوڪ جو گلاس خالي ڪري ان مٿان آنگريون پٺي ڦيريون مان خاموش ٿي ويو هئس، تنهنجيون اکيون ٻڌائين پيون ته تون چاڻ رُنين. مون کي اندر ۾ الاءِ ڇا ٿيڻ لڳو.

"تو کي ڏک ڏيڻ منهنجو مقصد نه هئو......... مان ته پاڻ الاءِ ڪيڏانهن ٿو وڃان، تون جي اهو ٿي سمجهين ته مون تو کي ذهني عذاب ڏنو اهي، ته مان تو کان Sorry ٿو ڪيان." مون آنگريون مهٽيون" مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ڇا چوان........ بهرحال.... اڄ کان تون آزاد آهين.... مون پنج سال تو کي پنهنجي مرضيءَ تي هلايو هوندو، ايتري حدَ تائين جو تو ڪپڙا به منهنجي مرضيءَ جا پاتا هوندا، ها نه......"

مان ڪجهه لمحن لاءِ بيهي رهيس. ڇڻ ڳالهائڻ دؤران وري ڪا شئي تڙيءَ ۾ اٽڪندي هجي. تو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو

"بس، اهو سڀ ختم ٿيو، تون جيئن چاهين تيئن ڪجانءِ.... هڪ ڳالهه ٻڌاءِ؟..... مون کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪو ٻيو انسان آ، جيڪو تو سان ايتري محبت ڪري؟"

"نه" تنهنجي تڙي گهٽيل هئي، اکيون بلڪل پريل هيئي.

"ته منهنجو انتظار ڪجانءِ، جي وقت اجازت ڏيئي ۽ جي نه ته.... مون سان ايتريون ئي نفرتون ڪجانءِ جيتريون مون تو سان محبتون ڪيون هيون."

"مان، مان.... مان انتظار ڪنديس تنهنجو." تون سڏڪي پئينءَ." تون موٽجانءِ ضرور هادي. مان الاءِ ڇا ٿي وئي آن، شايد مينٽل ڪيس آن.... مان بهرحال تنهنجو انتظار ڪنديس."

"تون بہ عجيب آن، ڪجهہ لمحا پهرين الاء چا هئينءَ، هاڻي الاء چا آهين."

"ڇيمر نہ، مون کي پاڻ ئي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي."

"مان تو سان گڏ هوندو آن نہ تہ منهنجي حالت هڪ شعر جيان هوندي آ، خبر ٿئي ڪهڙو آ اهو؟"

"ڪهڙو آ؟،" تو اکيون، اکهي ڇڏيون هيون، ڳلن جا گلاب، ڪجهہ ڪُومائجڻ لڳا هُيئي، الاء تو کي چا ٿي ويو هو.

"چا ٻڌايانءِ شعر، بس ائين ڪٿي سمجهہ تہ ان ۾ ائين چيل آ تہ هن وري مون ڏي مُرڪي ڏٺو آ ۽ مون کي وري هڪ نئين آس تي جيئڻو پيو آ."

تو خفيف مرڪيو، مان تنهنجن هٿن ڏي ڏسندو رهيم.

"هڪ ڳالهہ چوانءِ."

"چئو"

"مان ڪمري ۾ ٿو هلان، تون اتي مون سان مل، مان تو کي آخري پيرو ويجهو کان ڏسڻ ٿو گهران."

"آخري پيرو ڇو؟"

"منهنجو مقصد آ وڃڻ کان پهرين."

"چڱو."

مان اتان اتي اندر هليو آيم، ان مهل اتفاق سان، ماسي سامانُ ميڙي ٻاهرأسَ تي رکڻ وئي هئي، رُبي پريان، هڪ ڪمري ۾ ڪپڙن ويڙهڻ ۾ لڳي پئي هئي. مان دَرَ کي ڀُني ڏئي بيٺم، پريان سڀ چاريءَ وارا دَرَ ڏنل هئا، جنهن جي معنيٰ هئي تہ ماسي اندر ڏسي نہ ٿي سگهي.

تون اندر آئينءَ تہ سڄي ڪمري ۾ مٺڙ خوشبو پکڙجي وئي، مون

مڙي ڏنو تون دَرَ تي بيٺي رهينءَ، مان ويجهو آيو مانءَ ته مون کي ڏسي مرڪي ۽ ٻانهن کان جهليئي. مون تو کي ويجهو کان تڪيو، تنهنجي منهن تي چڻ چاندي هاريل هئي.

"ڇا ٿو ڏسين؟"

"جيءُ پرڻ ٿو گهران."

الاءِ ڪيترا لمحا چپ هئي، مون تو کي دَرَ جي اوٽ ۾ ٻيهاريو، ٻاهران ڪو ٿي نه ڏسي ها ته ائين محسوس ٿئي ها ته مان چڻ اتي اڪيلو بيٺو هئس.

"اتي جو منهنجو آپريشن ٿيو نه ته مان تو کي ساڻ ساڻ رکندس، تون موت ۽ حيات ۾ مون ساڻ هوندينءَ، اتي جي ڪا تڪليف ملي ٻه نه ته مان ڪنهن سان ٻه ڪا ٻه شڪايت ڪو نه ڪندس.... تون جو ٻڌڻ لاءِ ويٺي آهين. ها نه."

مون تنهنجي ڳلَ کي ڇهيو، اهو وري پڄڻ لڳو هو.

"روءِ نه، مون تو کي موٽڻ لاءِ چيو آ نه، ضرور موٽندس."

"انشاالله." تو هڪدم جملو پورو ڪيو.

"۽ جي مان نه اچي سگهان نه ته تون آزاد هوندينءَ، پوءِ ٻلي جيئن چاهين تيئن ڪجانءِ..... شادي ٻلي ڪجانءِ.... خوب پار ڇڏجانءِ، هان."

مون تو ڏي نهاري مرڪيو، ڳوڙهن سان پريل مرڪ. شايد مان پاڻ ٻه روئڻهارڪو ٿي ويو هئس. تون ڪجهه لمحن لاءِ شرمائجي وئي هئينءَ.

"تون ڪمينو آهين وڏو."

"اهو ته مان آهيان."

مون تو کي ٻانهن ۾ ڀريو، الاءِ ڪيترا لمحا ائين گذري ويا، تو سرگوشيءَ ۾ پڇيو
"آپريشن ڪهڙي جاءِ تي ٿيندو؟"
مون ڳچيءَ تي هٿ رکيو "هتي."
۽ ان جاءِ تي جتي مون آنگر رکي هئي، تو پنهنجا چَپَ رکي ڇڏيا، هٿ وڌائي منهنجي ڳچيءَ ۾ هڪ زنجيري وڌي ۽ مون ۾ تڪيندي رهئين. مان ائين ئي ويٺو رهيم. الاءِ ڪيترو وقت بريڪون هڻندو، چيڪاٽ ڪندو گذرندو ويو. اوچتو، ٻاهر ماسيءَ جي خالي بالٽيءَ رکڻ جو آواز آيو، هوءَ هاڻي واندي ٿي هئي. مون تو ڏي نهاريو، تون مون کان هڪدم الڳ ٿي وئينءَ.
"مان هلان؟"
توڏي نهاريم، شايد اڪيون توڏي نه پيون اُٿن.
"موڪلائيندين ڪونه؟"
تنهنجو آواز ڏڪي پيو، مان ڪجهه قدم ڪٽي چڪو هئم، مڙي توڏي نهاريم.
"چو نه."
تو هڪ پَلَ مون کي اچي جڪڙيو، منهنجن وارن کي هٿن ۾ پڪوڙي ورتئي. جڻ اهي پٽيندي هجين. تنهنجيون شدتون مون کان برداشت نه پئي ٿيون. مون تنهنجي پيشاني چپن سان ڇهي، ۽ ٻاهر نڪري آيم. ٻاهر نڪرندي مون آواز ٻڌو، اهو شايد تنهنجي سڏڪي جو هو.

مون کي پورا اڍائي مهينا لڳا هئا نيڪ ٿيڻ ۾. ان وچ ۾ امان وارن ڪيڏا نه سبب پڇيا، مان ڇو ٿو ٻاهر وڃان؟ مون ڪنهن سان ڪا

ڳالهہ نہ ڪئي سواءِ ادا جي. پوءِ هن جي اجازت سان مان ٻاهر ويس. ٻيو ڪنهن کي خبر هئي تہ بہ اها تہ مان بزنس جي چڪر ۾ ٻاهر ويل آن.

اهو سڄو عرصو مون ڪيئن گذاريو، مان ڇا چوان؟ هُتي مون سان ڪو هوندو هو تہ صرف ۽ صرف تون هوندي هئينءَ، مون اسپتال جي هر مريض جي ملاقاتيءَ ۾ تنهنجو منهن ڏٺو، ڇاڪ ٿيس تہ هتي گهمڻ جو الاءِ ڪيترين جايون هيون، پر مون تہ هڪ لمحو بہ توکان پري رهڻ نہ ٿي چاهيو، مان جلد کان جلد موٽ جي چڪر ۾ هئس. هتي تہ هوائن ۾ تنهنجي خوشبو بہ ڪانہ هئي.

منهنجو آواز ڪجهہ وڌيڪ ٿُلهو ٿي ويو. هتي آيس تہ گهر وارا حيران هئا، تہ هي تہ ٻن ٽن مهينن ۾ الاءِ ڇا ٿي آيو آ، ڪجهہ سنهو پر آواز ۾ الاهي ٿلهو.

پوءِ مون ڪيڏو نہ واجهايو، تو سان ملڻ لاءِ، توکي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ مون ڇا نہ ڪيو. فون ڪري نہ پئي سگهيس، سڄو سڄو ڏينهن وري بہ فون جي پر ۾ ويٺو هوندو هئس تہ متان تون رِنگ ڪرين، پر لمحا ڏينهن ۾ تبديل ٿي ويا، تون نہ آئينءَ نہ رِنگ ڪَيَئِي.

هڪ ڏينهن مون امان کان پڇيو،

"ماسيءَ وارا فون نہ ڪندا آهن ڇا امان؟"

هن مون ڏي ڏٺو "تو اجان بہ هن ڇوڪريءَ کي نہ وساريو آ هادي؟"

مون هن کي غور سان ڏٺو، "ڇو وساريانس؟"

امان ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو، مرڪي هلي وئي.

گهر وارن اديءَ جي شاديءَ لاءِ فيصلو ڪيو، هڪ تمام سنو

رشتو آيو هو، امان وارن ها ڪني تہ مگٽي جو ڏينهن مقرر ٿي ويو. توهان سڀ مگٽي ڪان ٻہ ڏينهن پهرين آيئو. مان ان مهل ڪمري ۾ بجليءَ جي سامان جي لسٽ ٺاهي رهيو هئس، ٻاهر گوڙ ٿيو ۽ ڪجهہ لمحن ۾ نازي ڪمري اندر گهڙي آئي.

"اسلام عليڪم، ادا!"

"وعليڪم سلام." مون سندس وار چميا.

"اچي ويئو؟"

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"ڪير ڪير آيو آ؟"

"سڀئي."

هو شايد ڪنهن ٻار جي ڪُولا ۾ اندر آئي هئي، اڏوڳابرو جواب ڏيندي، ڊوڙندي ٻاهر هلي وئي، منهنجي دل جو ڌڙڪو تيز ٿيندو ويو،

"تون آئي آهين، مون لاءِ ڪيڏي نہ بي چين هونديئن. گهر ۾ ايتري رَش آ، تون ڀَڪَ هر ڪڙڪي تي مون لاءِ واجهائيندي هونديئن. آخر هيترو وقت ٿيو آ هڪٻئي کي نہ ڏٺي. مان چو نہ تو سامهون دير سان اچان، پوءِ جيڏي مهل تو سامهون ايندم تہ ڪيڏو نہ اشتياق هوندو، تنهنجين نگاهن ۾ مون لاءِ. ڪيئن نہ وارفتگيءَ سان تون ڏسنديئن مون ڏي.

مان ڪمري مان ٻاهر نڪتم تہ توهان عورتن واري ٻاسي هو، مان چپ چپ ڪري گهران نڪري ويم. ٻاهر جو جيڪو ڪم پوءِ ڪرڻ جو هو سو مون هينئر ئي ڪرڻ شروع ڪيو. الاهي دير ٿي وئي، مون تہ اچان بہ ڪجهہ وقت چاهيو ٿي، پر اوچتو مان اندر ڪوڪا ڪڻڻ آيم تہ فرج وٽ تون ۽ ماسي بيٺيون هيئو. ماسيءَ چانهينءَ جا ٽُڪَرَ پٽي ڪيا ۽ تو اهي

پليٽ ۾ سينگاري، فرج ۾ ٽي رکيا. مون وٽ ملڻ ڪانسواءِ ڪو چارو نه هو

"سلام عليڪم." ماسيءَ جي پيرن تي هٿ رکيم.

"اڙي! هادي ڪٿي گم آهين؟"

هن مون کي ڀاڪر ڪٽي پاتو، مان ششدر ٿي ويم، هيءَ ايترو ٿي پانئي!

"الاهي ڏينهن ٿي ويا تو کي ڏٺي، تون آهين ڪٿي؟"

"ٻاهر ويو هئم، ماسي!"

مون مڙي تو ڏي ڏٺو، "اسلام عليڪم."

مون توکي سلام ڪري تو ڏي هٿ وڌايو، تو ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري، مون کي بي توجهيءَ سان هٿ ڏنو ۽ پليٽ ۾ چانهيءَ جي ٽڪرن کي خوامخواهه هيڏي هوڏي رکڻ لڳينءَ. منهنجو وجود پُري پيو، اها هڪ نظر هئي جنهن لاءِ مون ايترا خواب ڏٺا هئا. تو ته نگاهه ڪٿي ٿي ڪانه، مون ڪيئن سوچيو هو ته اِها هيئن هوندي..... هونئن هوندي.

"ٻڌو اٿم بيمار هئين ڪجهه ڏينهن، هاڻي ڪيئن آهين؟"

"ٺيڪ آهيان بلڪل."

مون توڏي نهاريو هو تون اٿين ٿي لا تعلق ٿيو ويٺي هئينءَ، مان چپ ڪري اتان نڪري آيم.

"تون ته پِٽ لاءِ ڪوڪا ڪڻڻ ويو هئين، پاڻ کي هٿي آئين ڇا؟" دماغ پڇيو.

"نه ته" دل ڳالهايو، "هوءَ مجبور هئي، ماسي جو اتي ويٺل هئي، هوءَ ڪيئن ڳالهائي ها؟"

"پر ايترو ته مجبور نه هئي جيتري تون ٿو ظاهر ڪرين." دماغ

دڙيو، "ايتري مجبور تہ ڪونہ هئي جو تو تي هڪ نظر ئي وجهي ها، هن جي هڪ نظر تي بہ پابندي هئي ڇا؟"

"ها ڇو نہ هئي هوءَ پابند، مان بہ اجايو ٿو سوچيان، هوءَ جي اڪيلي ۾ ملندي تہ ائين ڪندي ڇا؟" مون پڇڪيو.

ان مگٽي جي گوڙ ۾ خبر پئي، تو سان گڏ هڪ ساهيڙي بہ آيل هئي ۽ تو سڄو وقت هن سان گڏ هئينءَ.

ماسيءَ مون کي اتي بہ ورائي ورتو.

"هادي تون اڃان ان ڳالهہ تي قائم آهين."

"ڇو نہ ماسي، ڇو نہ هوندم."

"الاءِ پڏو اٿم ۽ هونئن ڏٺو بہ اٿم تہ ڇوڪرن جو هڪُ دين ايمان نہ هوندو آ، تي سگهي ٿو تون بہ بدلجي ويو هجين. "هن مَرڪيو معنيٰ خيز مرڪ.

"توهان پنهنجي ڳالهہ ڪيو، توهان تہ ڪونہ بدليا آهيو؟"

"مان ڇو بدلجنديم، جت منهنجي ڏيءَ راضي، اُت مان."

منهنجي وجود جي وڻ تان جيڪي چِلرَ لٿا هئا، اَتي جڻ ڀيا ڏار ڦٽڻ لڳا، مان ان مهل اندر ڪنهن ڪم سان آيو هئس، هتي ماسيءَ الاءِ ڇو پَڪَ ڪرڻ لاءِ جڻ بيهاري ڇڏيو هو، مون ڪسڪڻ چاهيو.

"مان هلان، ٻاهر ٿورو ڪم آ؟"

"ٻلي........." هُوءَ ڪجهہ وکون هلي، "ٻُڌ هادي......."

مان اڃان مُڙيم تہ هن وري سڏيو،

"جِيءَ"

"تون جي بدلجين تہ مون کي ڀهرين خبر ڪجانءِ."

مون ماسيءَ ڏي غور سان نهاريو، ڇا مقصد آ هن جو؟.... تو ڪ

ٿي ڪري. نہ تہ، شايد مذاق ٿي ڪرين.

"چڱو، حاضر." مون مرڪيو ۽ اتان نڪري آيس.

ٻئي ڏينهن امان چيو تہ تون ۽ تنهنجي ساهيڙي، ڇوڪرين جي هاسٽل ڏسڻ ٿيون گهرو ۽ مان اوهان کي وٺي وڃان. مون ڊرائيور کان گاڏي ڪڍرائي، ٻاهر الاءِ ڪيترا لمحا ٻيٺم، پوءِ توهان ٻاهر نڪتو. تنهنجو منهن اهو ئي ڦڪيل هو، اسان هاسٽل آياسين، تو ڪو بہ رُخُ نہ ڏنو، مون اوهان کي اندر موڪليو، ان وچ ۾ نہ تو مون سان ڳالهايو ۽ نہ ئي مون تو سان.

توهان اندر ويئو تہ مون هاسٽل جي ٻاهران، ملڻ واري ڪمري ۾ ڪرسي والاري. اتي ڪجهہ اخبارون پيون هيون، مون هڪ اخبار سامهون ڪئي. منهنجيون اکيون بظاهر پنن تي هيون، پر اصل ۾ مون ان رستي ٿي نهاريو، جتان توهان ويا هُيَئو، توهان ٻئي موٽيوءَ تہ مون اخبار مُنهن جي سامهون ڪري ڇڏي،" هاڻي تہ تون ڳالهائيندينءَ، پَڪَ چونديسءَ هلو تہ هلون، ڇنبو تہ نيٺ تو کي ڪُڇڻو ئي پوندو.... مون ڪهڙو تنهنجي ساهيڙيءَ سان ڳالهايو هو جو هوءَ ڳالهائيندي......"

انهن ئي لمحن ۾ مون ٻڌو، تو پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو

"هن کي چئوس تہ هلي."

مون کي ڪنن تي اعتبار نہ آيو، هي... هوائن ۾ مِٺي ملي وئي هئي الاءِ ڇا.... تڏهن تہ چوطرف واچُوڙو هو.

"ادا اچو هلون." هن اجنبي ڇوڪريءَ مون کي پُڪاريو.

"ها، بابا هلو."

مون وراڻيو، منهنجو آواز، مون کي ئي کُوهہ جي تري مان ايندڙ

لڳو، تہ اهو سڀ بہ وهم ٿي نڪتو نہ تہ هُوءَ اڪيلي ٿيندي تہ ملندي...
هن تو تو کي ايترو چوڻ بہ پسند نہ ڪيو هادي، پوءِ تون ڇا تي تو ٻاڻ کي
پڏائين.

گهر اچي ويو. توهان لهي اندر ويٺو، مون ڊرائيور کي لاٿو ۽ پاڻ
گاڏي ڪٽين نڪري پيس. سامهون چڻ ڪار ۾ لڳل آئينو پُڇَندو هجي
"هي سڀ ڇاهي هادي؟.... هن ٽن مهينن ڪان اڳ تہ اهو سڀ
ڪجهہ نہ هئو. هُو ڪيڏي ٿي ڇا تو سان؟؟؟؟؟.... رانديڪو لڌو ٿئين تو
کي... جيئن وٺيس تيئن تو سان هلي...هن کي تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار
ڪونهي تہ پوءِ اهو ساٿ ڪهڙي ڪَمَ جو، واهہ واهہ.... هن جي ماءُ تو
سان واعدا ٿي ڪري، پَڪَ ٿي ڏئي ۽ هُوءَ پاڻ تو کي ڪُوڙو ٿي ڪري....
ڇا ڏنو آ هن، هي ڪو ڊرامو آ ڇا؟"
"تون بہ تو ائين چئين منهنجا دوست؟"
"چو نہ چوندومانءِ، تون جنهن کي سيڪنڊن جي هزارن حصن ۾
ياد ڪندو آهين، سا تو کي هڪ ڏينهن بہ ياد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڇا
هي سڀ؟"
"مان، پڇندم هن ڪان هڪ ڀيرو ضرور. آخري ڀيرو.... ضرور
ويندو مانس."
مون گاڏي واپس موڙي ڇڏي.

تنهنجي گهر گهڙيم.
ٻاهر نڙڪايو هئم تہ تو اندران جواب ڏنو هو. اندر آيم تہ خبر
پئي، ماسي پاڙي ۾ ويل هئي. گهر ۾ صرف نوڪرياڻي ۽ نازي هئي،

تون ان مهل دالان پر ٿي بيٺي هئينءَ. مون کي ڏنو اڻ ڏٺو ڪري، تون پنهنجي ساهيڙيءَ ڏانهن متوجهه ٿي وئين. هُوءَ شايد هاڻي واپس پئي وڃي. مان الاءِ ڪيترا لمحا ائين ئي بيٺو رهيم.

هُوءَ وڃي ته تو مون ڏي نهاريو

"ڪيئن آيئو؟"

"تنهنجي روئيي جو سبب پڇڻ آيو آهيان." مون ڪرسي ريڙهي" آخري پيرو مون سان ڪُلي ڳالهاءِ، پوءِ مان هلي ويندم."

"تون هميشه ائين چوندو آهين ۽ وري موٽي ايندو آهين."

اهو جملو نه هو، چڻ اسپرٽ جو ڀُڙو هو، جو تو منهنجي ڪنهن زخم تي رکيو هجي.

"وري به....." مون پاڻ تي ضبط ڪيو. تون لاپرواهيءَ سان ايڏي هوڏي نهاريندي رهينءَ.

منهنجي وات مان نڪري ويو

"هن ڀيري سچا سارا چار مهينا ٿي ويا تو کي ڏِٺي......"

مون اڳتي چوڻ ٿي چاهيو" الاهي عرصو ٿي ويو آ، ان ڪري ناراض ٿي وئي آهين ڇا؟" پر تو جملو ڪٽي ڇڏيو

"ته ڇا ٿيو..... ڪو خاص عرصو ته ناهي ٿيو."

تو ڪُلها ايا ڪري لاپرواهي ظاهر ڪئي، ڄڻ تو کي اهو عرصو محسوس ئي نه ٿيو هجي. مون کي ياد آيو، ڪيئن نه ان عرصي جو هِڪُ هِڪُ سيڪنڊ مون تنهنجي نالي سان منسوب ڪيو هو.

هي ڪهڙي تيرن جي بارش هئي جنهن پر منهنجو سڄو وجود زخمي ٿي رهيو هو. مان الائي ڪيتري دير تو ڏي ڏسندو رهيم.

"پوءِ؟"

"پوءِ ڇا؟" تو وري لاتعلقي ظاهر ڪئي.

"سبب نه ٻڌائيندينءَ؟"

"منهنجي مرضي." تو مرڪيو، تلخ مرڪ.

"تنهنجي مرضي.... ٻئي ڪنهن سان تنهنجي مرضي ڪانهي، باقي مان ئي ان لاءِ رهيو آن ڇا؟"

منهنجو لهجو انتهائي گرم هو، ۽ ان مهل تو ايڏي ئي ٿڌي آواز ۾ چيو

"مون تو سان هلڻ نه چاهيو، تو مون کي مجبورن هلايو. هاڻي مان تو سان گڏ هلڻ نه ٿي چاهيان."

اهي لفظ هئا يا ڪنڊا. اهي تو چيا هئا.... تو، جنهن پاڻ مون سان انهن ڇڪرَن جي شروعات ڪئي هئي.

منهنجو منهن تپڻَ لڳو. ڪجهه ورهيه پهرين جا اهي ڏينهن وري موٽڻ لڳا. منهنجيون مُٺيون وري ڀڪُوڙجڻَ لڳيون،

دماغ چيو "هادي، هي اهو ماڻهو آ، جنهن جي لاءِ تو پرديس جو سفر اختيار ڪيو، پنهنجي وجود جي هڪ هڪ سينٽي ميٽر کي تو هن لاءِ تبديل ڪيو،اڄ اها ئي اٿين ٿي چوي.... هي محبتون آهن؟.... جي آهن به ته انهن تي لعنت آ...... ڇا ڪبو انهن کي..... تون اٿين ئي ڇڳو آهين، وحشي، ستمگر، ضدي.

تنهنجو ڪنڌ جهڪيل هو، مون سَڄَ ڏني تنهنجي وارن کان جهلي، تنهنجي مٿي کي مَٿي ڪيو، تنهنجو مُنهن سڌو ٿي ويو. مون ڳچيءَ ۾ پيل زنجيري، هِڪَ سَٽَ سان ٽوڙي ۽ ڪنڌ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏي.

"تنهنجو منهنجو ناتو به اڄ ان زنجيريءَ جيان ٽُٽي، ڪنڌ جي

حوالي ٿي ويو آ، هاڻ ان کي نہ تون کڻنديءَ نہ مان، ڀلي ڪو ٻيو اچي کڻي."

منهنجو وجود موٽ کائڻ لڳو، مون ميز کي لتَ وهائي ڪڍي، ڪرسي پريان ڪري ۽ گلاس کي پاڻ سان ڳنڍ ڪندي وئي، مون پنهنجو وجود وري اڳ وانگر رڍَ جيان سخت ۽ رَتَ جي دَوري ۾ لڙهندي محسوس ڪيو، مان تنهنجو درُ هميشہ جي لاءِ ٽپي آيم.

اهو اُنَ خواب جي تعبير هو.

۽اڄ وري هن ڇوڪريءَ مون کي ڇرڪايو آ.

هٿ ڳهريو ٿڻين مون کان، ڪيس شايد خبر ناهي، مان ٻئي هَٿَ ڪَپائي چڪو آن. هن ڇوڪريءَ کان، جنهن جو نالو فوزيہ محمد خان هو، مان الڳ ٿيم تہ اندرَ ۾ ڄڻ چشما ڦُٽي اُٿيا، گرم پاڻيءَ جا. منهنجي وجود جو ڪير ٽر وري ويران ٿي ويو، منهنجيون اکيون مان شايد نظارن ڏسڻ جي طاقت ختم ٿي وئي.

پوءِ ڪيڏو نہ سنڀاليو مون پاڻ کي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر هئي تہ هي ڪهڙي عذابن جي ٻارنهن دري آ، جنهن مان ٻيهي مون پريان ٻيٺل سُکن جي باغ کي ڏٺو هو. هڪ ڏينهن تہ امان ٿي وي ڏسندي هڪ خوبصورت ماڊل ڇوڪريءَ ڏانهن ڏيان ڇڪايو

"اها ماڊل فوزيءَ جهڙي آ نہ هادي."

منهنجا ڪَنَ جڻ پَچَندا هجن، ماڙ هن کي ڇا چوان؟ ڪيس ڏيکارڻ لاءِ مون ٽي ويءِ ڏي نهاريو، اتي ٻارن جي ڪنهن اڊورٽائيز ۾ ڪا ڇوڪري، مرڪي، ٻارن سان کيڏي رهي هئي. سندن وچ ۾ ويهي ڪتمنڙا ورهائي رهي هئي.

هيءَ ٻہ تہ Proffessionally مرڪي ٿي نہ، هر ڪا خوبصورت ڇوڪري شايد ائين ئي مرڪندي هجي جڏهن هيءَ اڊ ختم ٿي هوندي تہ هن مڙي بہ هن ٻارن ڏانهن نہ ڏٺو هوندو. جيئن هُنَ مون سان ڪيو هو.

"آهي نہ؟" امان چرڪايو، شايد منهنجي مُنهن مان ڪو تاثر ڏسڻ ٿي گهريائين.

"جي....... هوندي."

"تو کي نہ ٿي لڳي؟"

۽ ان مهل الائي ڪيئن مون اهو جملو اُڪلي ڇڏيو

"مون سان هن جي ڳالهہ نہ ڪجو، آئينده."

"ڇو؟" امان پنهنجي مخصوص ڪِلَ ڪلي.

"مان هن کي ڇڏي چُڪو آن."

"پنهنجي عادتن مطابق، تون تہ سڄي خاندان ۾ مشهور ٿي ويو هئين هن سان."

"اها غلطي هئي منهنجي."

"پر هاڻي مان ڇا ڪيان؟ مون ماڻس سان ڳالهايو بہ هئو، تو جي چيو هو."

"مون چيو نہ، مان محبتن جي لائق ناهيان، نہ ٿو ڪري سگهان ۽ نہ ئي وني ٿو سگهان،

"I simply know, how to hate and to be hated"

ان کان اڳ جو امان وڏيڪ چوي ها ، مان تلخ ٿي ويم ۽ ان مهل مون ڏٺو، هوءَ مون ڏي پنهنجين هيڏين سارين اکين ۾ حيرانيءَ جا ٻير ڪنيو تڪي رهي هئي. امان جي ٻَرَي جي مائٽياڻي هئي، ڪجهه ڏينهن کان هتي آيل هئي، ويچاريءَ جي ٻانهن سڙيل هئي. منهن سانورو، پر نقش الاهي غضب جا هئس. سڄي خاندان ۾ ان معذوريءَ ڪري ڪوجهي ليکي وبندي هئي. هن سڄي خاندان ۾ شايد حُسن ئي حسن پکڙيل هو، سواءِ هن ڇوڪريءَ جي. شايد هن پنهنجو حصو جهلڻ مهل، ڪو وڏن سوراخن وارو ڇَرَڻُ ڪنيو هو. هونهن، ڇا ٻه هوندو يا هجي، پر هيءَ ٻه تو تي ٿي رحم ڪائي، هادي، ڇو نه ڪائي؟ هتي آئي هوندي ته تون کان ضرور باخبر ٿي هوندي ۽ لازمن تون هن سڄي آکهِ ۾ واحد فرد آهين، اهو حصو ٻه هوءَ نه ڪيندي ڇا؟"

الائي ڪيترا ڏينهن مان گم رهيم، پنهنجو پاڻ کان ئي شايد غافل ٿي ويو هئم، گهر ايندو هئم لمحن لاءِ ۽ وري ٻاهر جا رستا هوندا هئا ۽ مان هوندو هئم.

گهر آيو هئم ڪنهن ڪَمَ سان، اندر پنهنجي ريڪ مان فائيل ڪيندي، دَرَ تي کڙڪو ٿيو، ان مهل دل چيو "ڪاش ماسي رحيمان هجي ته هڪ ڪوپ چانهن جو چوانس."

مون رڙ ڪئي "اچو"

اها زاهده هئي، ڪوجهي، هٿن ۾ چانهن جو ڪوپ هئس. اندر آئي ۽ چانهن مون ڏي وڌايائين ته مون ڏٺو، سندس هَٿَ ڏڪيا پئي. هوءَ اندر آئي هئي ته دل چيو ڪيس دَٻَ پٽيان، ڇو آئي آهين؟، پر هوءَ ڏڪي

پٺي، ڇا ڪيانس ها،

"اتي رکوس، سائيڊ ٽيبل تي."

هوءَ چانهن رکي مڙڻ لڳي.

"گهر ۾ نوڪر نه هئا ڇا؟"

"هئا" هن ڇڻ ڳيت ڏني.

"پوءِ آئينديءِ اوهان زحمت نه ڪندا ڪيو. مان اوهان کي هتي نه ڏسان."

مون جملو ٻڌي هن ڏانهن پُٺي ڪئي، سامهون آئينو هو، مون ڏٺو هن جون اکيون ڀريون پٺي هوءَ مات ڪري ٻاهر هلي وئي.

"چڱو نه ڪيئي، ڪنهنجي دل ٽوڙي." آئيني وري ڳالهايو.

"ته ڇا ڪيانس ها، متي تي ڪٽانس ها ڇا؟"

مون تلخيءَ سان پٺڪيو ۽ چانهن جا ڍُڪَ ڀرڻ لڳس.

پوءِ هڪ ڏينهن، منهجي گاڏيءَ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو، مهينو ڪن اسپتال ۾ رهي. گهر آيم ته اتي به بيڊ ريسٽ هئو، ٻه مهينا. ان سڄي عرصي ۾ هن منهنجي خوب پرگهور لڌي. خبر پيم امان هن کي هتي رهايو آ. سندس گهر وارن شايد ڪيس واپس نه پٺي گهرائڻ چاهيو.

مون هن کي الاهي جهليو، ڇا نه بُرو سلوڪ ڪيو مانس، پر هن تي ڇڻ ڪو اثر ٿي نه هئو. هوءَ ڪنهن روبوٽ جيان پنهنجي ڪَمَ ۾ لڳي پٺي هوندي هئي. آهستي آهستي مان هن سان ڪجهه هِرندو ويم، هوءَ منهنجن دوستن وانگر هئي، ان ڪان وڌيڪ مون وٽ ڪجهه سوچڻ جي گنجائش ڪا نه هئي.

هن منهنجي ڪمري ۾ غاليچي تي برش پٺي هنيو، چولَي جون

ٻانھون مٿي ڪُنجي ڇڏيون ھئا سين. سندس سڙيل ٻانھن بلڪل ڪاري ھئي، ھَٿُ ڏاڍو خوبصورت ھئس. مون کي پنھنجي ٻانھن ڏانھن ڏسندي، ڏسي کلي پئي، شيشي جيان شفاف کِلَ.

"کلين ٿي؟"

"سوچيان ٿي توھان جي نظر ٻانھن تي ٿي وڃين، ان کي سڙيل ڏسي الائي ڇا ٿا محسوس ڪيو، منھن تي عجيب تاثر ٿا اڀرنَو، جيڪڏھن روح سڙيل ڏسو تہ الائي ڇا ڪيو؟"

مون ڪجھ نہ ڪڇيو، ھوءَ بہ ڪم ڪي لڳي رھي.

سندس پيشانيءَ تي وڏو گھاءُ ھو، ھن جي سڄي منھن ۾ جيڪڏھن ڪا شئي ھئي تہ سندس اکيون ھيون. بلاشبہ دنيا جي خوبصورت اکين مان ڪجھ.

"گھر ڪڏھن ويندينءَ؟"

مون الائي ڇو چئي ڏنو.

"توھان ڪَٿِ تي ويا ڇا مون مان؟" ھن عجيب سوال ڪيو، مان ھڪدم گڙٻڙائجي ويم.

"منھنجو مقصد نہ ھو، مان تہ......"

مان چپ ٿي ويم، اجھان ڳالھاءِ بغير ڪنھن موضوع جي ھادي.

"مان ھاڻي گھر نہ ويندم."

"ڇو؟"

مون کان وات مان نڪري ويو، دل ھڪدم دڙيو، ڇو ٿو پڇان ھن جي باري ۾؟... پر نہ مان ڪا ڳالھ پاڻ لاءِ ٿورئي ٿو پڇان، مڙئي وقت گذاري.....

"مون ھتي جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو آ،..... اتي مان ھوندي آن نہ تہ

سڀ منحوس سڏيندا آهن، الاهي ڏک لڳل اٿم نه. جڏهن به ڪا سٺي تقريب ٿيندي آ نه هُتي ته الائي ڇو هڪُ به دفعو ائين ٿيو آ ته مون کي ڪو نه ڪو وڏو ڏکُ لڳي ئي پيو آ ۽ هَنن جو پروگرام خراب ٿيو آ، ته ان ڪري نه هُو مون کان الڳ هئڻ ۾ ئي عافيت ٿا پائين."

هُوءَ صفائي ڇڏي. ماٺ ڪري برش جي وارن سان کيڏندي رهي، ته هادي، هتي تون اڪيلو ناهين. الائي ڀيا ڪيترا آهن ان عذاب ۾ آتش خيز، سڙندڙ.

"۽ تنهنجا ماءُ پيءُ؟"

"اهي ته آهن ئي ڪو نه. ڇَنڊَڪُ آهيان، ڇايم ته سِرُ ڪنيو مانِ."

"ائين ڇو ٿو چوين؟"

"ائين ته ڇئبو نه، دنيا جو چوي ٿي."

"نه ائين نه ڇئبو." منهنجو آواز بدلجڻ لڳو، هن ڪجهه نه ڏٺيو، ماٺ ڪري ٻاهر هلي وئي.

منهنجي ٽنگن تي پلاسٽر چڙهيل هئو، مون مٿو، ٻٺل جي سيرانديءَ کان هنيو. هٿ پيٽ ته ڪا نه هئي. اذيت ۾ مزو ئي پئي آيو، ۽ اڏائي ڇو مون هن کي سڏُ ڪيو.

"زاهده."

"جي" هُوءَ پڇندي آئي.

"مون کي پيهرو بٽ وهائي ڪيو."

"جي"

"رَتُ ڪيو منهنجو، منهنجي دل ٿي چئي، منهنجو مغز ڦاڙيو.... جيئن تنهنجي جسم تي الاهي ڏکن جا نشان هئا، جيڪي لڳا هئا نه، ها نه، مان پاڻ کي ڏکُ هڻندو آن، هڻ تون."

مون کي خبر هئي منهنجو علاج اهو ئي هئو، هي وقت سڄو ان ڏچي ۾ گذريو هو، پنهنجي علاج کان به پاڻ واقف نه ٿيان ها ڇا؟......

مان مٿو وهاڻي تي سٽيندو رهيم، لونڊڙيون وري ٻرن پيون، ۽ ان مهل الاهي ڪيئن هن، منهنجو مٿو، پنهنجن هٿن ۾ جڪڙي ورتو، ڪنن ۾ سرگوشي ڪندي چيائين

"هن هڪ ڇوڪريءَ جي ڇڏڻ سان اهو ڪجهه ٿيو آ ته، پوءِ توهان محبتون ئي ڇو ڪيون هيون؟، ڇا نه ٿا ڄاڻو ته محبت ڪرڻ لاءِ نفرتن جي سهڻ جو فن سکڻ لازم آ."

هن جي هٿن ۾ ڇڻ ڪو پاڻي هو، هو بلڪل نرم هٿا، مون اکيون کوليون. منهنجي ساڄي اک جي پرسان اها سڙيل ٻانهن هئي، ڪاري، لُوٺ، پر ان مان جهڙا شعاع پئي نڪتا. مون ڪجهه نه ڪڇيو، پنهنجو مٿو انهن هٿن جي حوالي ڪري ڇڏيو. هوش آيم ته هوءَ منهنجي مٿان جُهڪيل هئي، سندس ساهه منهنجي وارن کي ڇُهي رهيو هو، هن سمجهيو مان ستل آن، منهنجي وارن کي هن چميو ۽ هلي وئي. سان ڇرڪي پيم.

هن ڇا ڪيو هي هادي؟، ڇا هن کي اها خبر ڪو نه هئي ته هي وار ۽ پيشاني نيلام ٿيل هئا.

مان هن کان ڪنجڻ لڳم، هوءَ ايندي هئي ته مان منهن ڦيري ڇڏيندو هئم، هن سان لاتعلقي ظاهر ڪرڻ شروع ڪيم، الائي ڪيترا ڏينهن ائين گذري ويا.

اڄ، هوءَ هڪدم تيز ترار وجود جيان اندر هلي آئي.

"اوهان کي لاتعلقيءَ جو زهر، هن پياريو هو نہ. اها جيڪا توهان سان ڪنهن بہ مرحلي تي اوهان لاءِ نہ جهڪي، توهان ڇا اها بخشش مون کي ٿا عطا ڪرڻ گهرو؟"

مون کي تاڪ لڳي ويا، هوءَ ايڏي تہ گرم هئي، جو سندس ٻاڦ مان محسوس ڪري پئي سگهيس

"سڀ ڄاڻان ٿي مان، توهان جي باري ۾ سڀ خبر اٿم ۽ شايد ان ڪري دل اوهان ڏانهن ڇڪجي آئي هئي هادي، هتي تہ جسم ۽ روح ٻئي زخمي آهن، سوچيم، توهان سان ملي، پنهنجو پاڻ کي وساري اوهان لاءِ وقف ٿيندم. پر شايد اوهان نہ ٿا چاهيو."

"تنهنجي اکين جا ڇَپَ، ڳالهائين ٿا پر منهنجين اکين جا ڪَنَ، اها ٻولي نہ ٿا سمجهن."

" ان ڪري جو مان ڪوجهي مشهور آهيان، ها نہ. توهان لائق ناهيان، ڇو تہ توهان بي انتها خوبصورت آهيو، ائين......"

"اها ڳالهہ ناهي."

"پوءِ ڇا هي؟، ڇو نہ ٿا مون کي ساڻ هلڻ ڏيو؟ هادي جذبن جو موت، توهان کي خبر آ، ڪيڏو نہ اذيتناڪ هوندو آ، توهان هن کي هميشہ جي لاءِ هٿ ڪرڻ ٿي چاهيو، نہ ڪري سگهيئو تہ تڙپي پيا نہ..... مان تہ ان جي بلڪل اُبتڙ آن، اوهان سان ساٿ ڏيڻ ٿي گهران، اڪيلائين جو. جيستائين اوهان چاهيندا،.... جڏهن چوندا ڇڏي ڏيندم، توهان مون سان گڏ هڪ بہ قدم کڻو تہ سهي نہ."

هن جو لهجو پريل هو، پنبڻ ۾ ڳوڙها اٽڪي پيا هئس، هوءَ ڏُسڪندي هلي وئي

هن وري ضد ڪيو هو، الائي ڪجھ ڄاتئين پئي الائي نہ . ”ڇري آ ڇا؟.... ٻيرن ڪان ٻير ٿي گهري، پر تون بہ تہ بلڪل بي سهارا آهين هادي، ڇا ٿيو جي هن ڪي ساڻ ڪٺين؟.... هوءَ تہ بلڪل اڪيلي آ، دنيا هن سان اهڙا ئي ڪَلور ڪيا آهن، جيڪي تو سان ٿيل آهن..... هوءَ ڪيڏي نہ صاف گو آ. بلڪل کُليل ٿي ڳالهائي ۽ وڏي ڳالھ تہ اندرَ جي عذابن کان واقف آ.“ دماغ صلاح ڏني

”هوءَ خوبصورت نہ آ.“ دل چيو.

”تہ ڇا هي؟.... هُوءَ خوبصورت ڇوڪري تو کي ڪيئن نہ اطمينان سان ڇڏي وئي، ڪيس ناز هئو نہ سندس حسن جو. هي سچو هڪڙو ڏيک آ تہ عورت هڪ دفعو پيار ڪندي آ. بڪواس آ نہ، سڀ فضول آ... پر هي.... زاهده.... ڇا، هي فضول ناهي؟.... نہ، هن تو کي سهارو ڏنو آ، تنهنجي خدمت ڪئي آ.....“ دماغ گوڙ ڪيو.

”تہ ڇا ٿيو، ڪهڙو تون هن سان بُرو هليو آهين؟، سٺو هلي آ تہ ضروري آ ڇا تہ تون پنهنجو پاڻ کي تِپ ۾ ڏئي ڇڏين.“ دل دَڙيو.

”ڇا تون بدلو وٺندين، هن کان، فوزيہ جو؟، ڪنهن رُوپ ۾ موھ جو بدلو، اڻ موھ کان وٺبو آ ڇا؟، فوزيہ تو کي هزار ڀيرا ڇُهيو، سندس ٻانهن ۾ ايترو لوچ نہ هو جيترو ان سڙيل ٻانهن ۾ تو لاءِ آهي، ڇا هڪ دفعو وري بہ تون ظلم ڪندين پنهنجو پاڻ سان؟، جو سچو ساٿي ملئي ٿو تہ ڇڏين ٿو.“

مان آئيني ۾ تو نهاريان، هو مرڪي ٿو

"خوبصورت آهين پر جسماني طور تي، روحاني خوبصورت محبتون سڀ ڪهائي چڪو آهين. هاڻي ان ڪوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ تنهنجو ونڻ ضروري آ، هوءَ جي ڪوجهي آ تہ ڇاهي؟ هن جي منهن جو گهاءُ، سندس دل جو ڪڏو آ، جنهن پر الائي ڪيترين محبتون تو لاءِ پريون پيون آهن... دير نہ ڪر، هڪ غلطي ڪري بہ نہ ڪر........ هي ڪو خواب ٽوڙني آ، هن جي شروعات ئي حقيقت آ، اهو تہ آهي ئي تعبير."

مان هن کي سڏيان ٿو، هوءَ الائي ڪٿان مون وٽ اچي ٿي. ڪجهہ ملول ڪجهہ ويراڳي.

"هڪ ڳالهہ چوانءِ." مان هن ڏانهن غور سان ٿو ڏسان.

"چئو." هوءَ ڪنڌ جهڪائي ٿي ڇڏي. هن جا وار ڪيڏا نہ گهاٽا آهن

"منهنجا هٿَ ريکائن کان بلڪل خالي آهن، سڄو مقدر جيڪو اڳ لکيل هو، دهي چڪو آ، ائين سمجهہ تہ مان ڪٽي هٿَ ڪهرائي چڪو آن."

منهنجي تڙي پريل آ، هُوءَ مون ڏي تڪي ٿي.

"مان تو لاءِ لائق ناهيان، محبتون SHARE نہ ڪري سگهندم، منهنجن ڇپن تو کان پهرين بہ هڪ عورت کي ڇهيو آ."

"تہ ڇا ٿيو؟"

هُوءَ مُرڪي پئي، سندس منهن تي ڇڻ سون ٻُرڪيل آ، مان ڪنڌ جهڪائي ٿو ڇڏيان. هوءَ مون کي ڳِلن کان جهلي ٿي.

"هي هَٿَ جي خالي آهن تہ مان انهن تي ريکائون لکندم ۽ جي نہ لکي سگهيس تہ پنهنجي هَٿَ ڪهرائي، تو هان کي هٿائي ڇڏيندم،

منهنجي سڄي وجود ۾ اهي هٿ ئي تہ اوهان جي عضون سان ملندڙ جلندڙ آهن خوبصورتيءَ ۾، اهي توهان کٽجو، بس."

"۽ تون؟"

"منهنجو مقدر تہ توهان وٽ آ نہ"

هوءَ چڻ ڪا شرناء هجي.

سندس ڪنڌ جهڪي تہ ويئي، منهنجي نڙي صاف ٿي ٿي ويئي.

مان ڪيس ويجهو ڪان تہ ڏسان، الاتي ڪيئن چئي تہ ڏيان

"هڪ جسماني ڏانگهو روحاني ڏانگهي کي قبول تہ ڪري."

منهنجو آواز مون لاءِ وري ٿُلهو ۽ چاش سان ڀرپور ٿي ويو آ.

مان متو، هن جي متي سان ٽيڪي تہ ڇڏيان.

ناري پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

(١) هيل نہ ڪو سنگ ڪاڏم (پهريون ڪتاب) --٥
(٢) ڪل جا ڪستوري (ختم ٿيل) (ٻيو ڪتاب) --٥
(٣) منهنجيون اکيون آليون(ختم ٿيل) (ٽيون ڪتاب) --٥
(۴) ڏاهيون ڏک ڏسن (ختم ٿيل) (چوٿون ڪتاب) --٥
(٥) مان اڪ جو ڦڻ (پنجون ڪتاب) --٦
(٦) اُجايل ناري(ختم ٿيل) (ڇهون ڪتاب) --٥
(٧) هڪ ڇوڪري هڪ عجيب ملڪ ۾(ٻارن لاءِ)(ختم ٿيل)
(ستون ڪتاب) --٣
(٨) سوني زنجير-ترجمو حميد سنڌي(ختم ٿيل) (ٻارن لاءِ)
(اٺون ڪتاب) --٣
(٩) راڻا جي رجپوت (ختم ٿيل) (ڪهاڻيون) حميد سنڌي --٣
(١٠) هيلو ڪي وري آ(ختم ٿيل) (ڪهاڻيون) نذير ناز --١٥
(١١) هٿين هٿ ڪڙول(جيل جي ڊائري) طارق اشرف -- ۴٠
(١٢) تو سنگ تو بن ڏينهڙا(انعام يافتہ ڪهاڻيون) محمود مغل -- ٢٠
(١٣) جهرٽا (ڪالم) نذير ناز -- ١٥
(١۴) پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون(ناول) ڪرشن چندر -- ١٢
(١٥) روپ ۽ بهروپ (ناول) خواجہ احمد عباسي -- ١٠
(١٦) وڇوڙو (ڪهاڻيون) سندري اتم چنداڻي --١٥
(١٧) اڏران ها هن پار (منگريون) نذير ناز --١٥
(١٨) زلزلو (ناول) ترجمو نجم عباسي -- ٢٠
(١٩) روشن چانورو(ڪهاڻيون) ثميرا زرين --٣٠

(۲۰) تنهنجي تند تنوار(مئگزين) نذير ناز	۱۰--
(۲۱) "هنج" (ٻارن لاءِ)	۳--
(۲۲) ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان(مئگزين)	۱۰--
(۲۳) پيار جو آئينو(ناول) وشنو ڀاٽيا	۲۰ --
(۲۴) هي کهڙو ٻنڌڻ (مئگزين)	۱۲--

گهرائڻ لاءِ پتو:

پوسٽ بڪس نمبر ۱۵ حيدرآباد سنڌ

ٻارڙا ڪنھن به معاشري جي ڪرنگهه هوندا آھن. ۽ سندن تذڪرا جڙ ڪنھن سون جي ذري جو نظرن جي ، امھون آئڙ ھوندو آھي.

اھڙو ئي سَون رُوپو، رنگ رتو ٻارن لاءِ ديسي پرديسي ڪهاڻين جو مجموعو

”ڳاڙهي لوئي“

۽ سونئي، اسين تنھن جلد اوھان جي خدمت ۾ پيش ڪنداسين.

محمود مغل جا ڪيل ترجما،

ٻارڙن لاءِ نارڙيءَ ٻاران خاص سوکڙي.

تمام جلد اوھان جي ھٿن ۾ ھوندي.



هٿ ريکائن کان خالي

هِڪَ سَرِوتن، محشر بدن جو قصو، جنهن جي وجود جي ترڪشَ ۾ ڳڻيو ڪج ادائن ۽ شِڪوه ترانڙِيُن جا تِيرَ پيل هئا.
هڪَ نرم خُو، سِيم تن جي ڳالهه، جنهن کي اِها چاڻ هُئي ته محبتن ڪرڻ کان پهرين نفرتن سهڻ جو فَنُ سکڻ لازم هوندو آهي.
۽ هڪ عاشقِ ناشاد، دل مُرادَ جو ذِڪرُ، جيڪو بيوقوف نه هوندي به مون ڳو تي ويو هو.

محمود مغلَ جي قلم سان،
اُنهن سيني لاءِ توشهء خاص، جن جي سينن ۾ آگرَ پيل هوندا آهن.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٿِئي ڪي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڪر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)